REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) آچر 08 آڪٽوبر 2023ع بمطابق 21 ربيع الاول 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 132

ملڪ جي مسئلن جو حل شفاف اليڪشن ۾ آهي: بلاول پٽو زرداري

چونڊيل نمائندن کي موقعو ملندو ته مسئلا حل ٿيندا، ميان نواز شريف جو ملڪ اڇڻ جو اعلان سٺو عمل آهي

جمهوري سياسي تنظيمون ملڪ ۾ تمام جلد اليڪشن چاهين ٿيون، ملڪ ۾ ماڻهو غربت سبب پيڙهجي رهيا آهن

ن ليگ ڪارڪنن کي گهرجي ته پنهنجي قائد جو ڀرپور استقبال ڪن، پيپلز پارٽي اقتدار ۾ پهچي ملڪي مسئلا حل ڪندي

پ پ چونڊن لاءِ هر وقت تيار آهي، عوام کي جلد موقعو ملندو ته اهو پنهنجا نمائندا چونڊي سگهي، جمهوريت پسند سياستدان هر مسئلي جو حل چونڊن ۾ ڏسندا آهن

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ نواز شريف واپس اچي رهيو آهي، پ پ ان تي خوش آهي، ن ليگ جي اڳوڻن وزيرن کي ميدان ۾ اچي وال چاڪنگ ڪرڻ گهرجي

جيڪب آباد (نمائندن وٽان+ م ڊ) ملڪ جي مسئلن جو حل شفاف اليڪشن ۾ آهي، چونڊيل نمائندن کي موقعو ملندو مسئلا حل ٿيندا، ميان نواز شريف جو ملڪ اڇڻ جو اعلان سٺو عمل آهي، جمهوري سياسي تنظيمون ملڪ ۾ تمام جلد اليڪشن چاهين ٿيون/ بلاول پٽو زرداري جي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه... خبر موجب پاڪستان پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول پٽو زرداري جيڪب آباد پهتي مختلف شخصيتن/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

جيڪب آباد: پ پ چيئرمين بلاول پٽو زرداري صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

پاڪستان افغانين کي نيڪالي ڏيڻ بدران تحفظ ۽ پناهه ڏيڻ جو سلسلو جاري رکي: گڏيل قومون

گڏيل قومن جي پناهگيرن بابت اداري پاڪستان کي اپيل ڪئي آهي ته هو افغانين کي نيڪالي ڏيڻ بدران تحفظ ۽ پناهه ڏيڻ جو سلسلو جاري رکي

افغانين کي فوري طور نيڪالي ڏيڻ سان وڏو انساني بحران پيدا ٿي سگهي ٿو پاڪستان خطرن جي ورچڙهيل افغانين کي نيڪالي ڏيڻ بدران انهن کي تحفظ ۽ پناهه ڏيڻ جو سلسلو جاري رکي

گڏيل قومن طرفان افغان پناهگيرن جي مدد جي اپيل ڪندي چيو ويو آهي ته سمورا ملڪ افغان شهرين جي طاقت جي زور تي واپسي جو عمل روڪين

انٽرنيشنل آرگنائزيشن فار مائيگريشن پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان مان جن ماڻهن کي نيڪالي ڏني پئي وڃي انهن لاءِ خطرا پيدا ٿي سگهن ٿا

عالمي ادارو خطري جي ورچڙهيل افغانين جي رجسٽريشن ۽ قيام ۾ پاڪستان جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهي، افغانين زبردستي واپس اماڻيو ويو ته اهو انهن لاءِ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو

نيويارڪ (م ڊ) گڏيل قومن جي پناهگيرن بابت اداري پاڪستان کي اپيل ڪئي آهي ته هو افغانين کي نيڪالي ڏيڻ بدران تحفظ ۽ پناهه ڏيڻ جو سلسلو جاري رکي. افغانين کي فوري طور نيڪالي ڏيڻ سان وڏو انساني بحران پيدا ٿي سگهي ٿو پاڪستان خطرن جي ورچڙهيل افغانين کي نيڪالي ڏيڻ بدران انهن کي تحفظ ۽ پناهه ڏيڻ جو سلسلو جاري رکي. گڏيل قومن طرفان افغان پناهگيرن جي مدد جي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

تعليم واري وفاقي وزير مدد علي سنڌي جو اوچتو ويٽ شاهه جو دورو

مدد علي سنڌي صوفي بزرگ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه تا حاضر ۽ سنڌ جي نامياري شاعر شيخ اياز جي مزار تي حاضري ڏيڻ بعد ثقافت ڪاني جي ميوزم جو دورو ڪيو

تعليم ڪنسوءِ ملڪ جي ترقي ممڪن ناهي، نامڪن آهي، چونڊون وقت تي ٿيڻ گهرجن، معيشت جي بهتري لاءِ سڀني ماڻهن کي ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ پوندو: مدد علي سنڌي

16 آڪٽوبر تي تعليم جي حوالي سان عالمي ڪانفرنس سڏائي رهيا آهن، جنهن ۾ ملڪ جي چئني صوبن جي تعليم واري وزيرن کي به دعوت ڏني وئي آهي، جنهن جو ايجنڊا آهي

پٽ شاهه: تعليم وارو وفاقي وزير مدد علي سنڌي صحافين سان ڳالهائيندي

پٽ شاهه/ متياري / نيو سعيد آباد (رپورٽرز) تعليم واري وفاقي وزير مدد علي سنڌي اوچتو پٽ شاهه ۾ سنڌ جي صوفي بزرگ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه تا حاضر ۽ سنڌ جي نامياري شاعر شيخ اياز جي مزار تي حاضري ڏيڻ بعد ثقافت ڪاني جي ميوزم جو دورو ڪيو ۽ چيو ته تعليم ڪانسوءِ ملڪ جي ترقي ممڪن ناهي، نامڪن آهي، چونڊون وقت تي ٿيڻ گهرجن، معيشت جي بهتري لاءِ سڀني ماڻهن کي ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ پوندو. تعليم جي نگران وفاقي وزير مدد علي سنڌي پٽ شاهه ۾ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي چيو ته هو 16 آڪٽوبر تي تعليم جي حوالي سان عالمي ڪانفرنس سڏائي رهيا آهن. جنهن ۾ ملڪ جي چئني صوبن/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

حماس جا اسرائيل تي راڪيٽ حملا، 22 اسرائيلي مارجي ويا، 500 کان وڌيڪ زخمي

فلسطيني مزاحمتي تنظيم ۽ غزه جي حڪمران پارٽي حماس آپريشن طوفان الاقصيٰ جو اعلان ڪندي اسرائيل تي حملو ڪري ڇڏيو

غزه مان اسرائيل تي حملي جي نتيجي ۾ 22 اسرائيلي مارجي ويا آهن جڏهن ته 500 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا آهن

اسرائيل جي ڪيترن ئي علائقن ۾ بلڊنگون تباهه ٿي ويون آهن جڏهن ته ڪيترين ئي گاڏيون سڙي خاڪ ٿي ويون آهن

بيت المقدس (م ڊ) فلسطيني مزاحمتي تنظيم ۽ غزه جي حڪمران پارٽي حماس آپريشن طوفان الاقصيٰ جو اعلان ڪندي اسرائيل تي وڏو حملو ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ 22 اسرائيلي مارجي ويا آهن جڏهن ته 500 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا آهن. پڙهيڪي ميڊيا موجب غزه مان اسرائيل تي 7 هزار راڪيٽ فائر ڪيا ويا جڏهن ته ڪيترائي فلسطيني مجاهد اسرائيل ۾ داخل ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسرائيل تي حملن ڪانپوءِ حماس اڳواڻ اسماعيل هانيه شڪر جو سجدو ادا ڪيو

غزا (م ڊ) اسرائيل تي حملن ڪانپوءِ حماس اڳواڻ اسماعيل هانيه ۽ حماس جي اعليٰ قيادت شڪر جو سجدو ادا ڪيو جنهن جي ويڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي. فلسطيني مزاحمتي تحريڪ حماس اسرائيل تي پرپور منصوبابندي سان حملو ڪيو. حماس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

حماس اسرائيلي فوج جي ميجر جنرل کي يرغمال بڻائي ورتو

حماس جا ويڙهاڪ 50 اسرائيلي فوجين ۽ شهرين کي يرغمال بڻائي ساڻ کڻي ويا

ويڙهاڪن اسرائيلي فوج جي ميجر جنرل نمرودالوني کي به يرغمال بڻائي کڻي ويا آهن

تل ابيب/يروشلم (م ڊ) فلسطين جي علائقي غزا جي مزاحمتي تنظيم حماس جا ويڙهاڪ اسرائيل تي حملن دوران 50 اسرائيلي فوجين ۽ شهرين کي يرغمال بڻائي ساڻ کڻي ويا. سوشل ميڊيا تي وائرل ڪيترين ئي ويڊيوز ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته حماس جي ويڙهاڪن ڪيترن ئي اسرائيلي فوجين ۽ شهرين کي يرغمال بڻائي ورتو آهي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پاڪستان ڇڏڻ جو الٽي ميٽم: افغان شهرين ملڪيتون وڪرو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون

پاڪستان ۾ غيرقانوني طور تي رهندڙ افغان شهرين جي واپسي جو عمل تيز ٿي ويو آهي

پشاور، خيبر ۽ ٻين علائقن ۾ افغانين پنهنجون ملڪيتون وڪرو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن

غيرقانوني رهندڙ پڙهيهين کي پاڪستان ڇڏڻو پوندو، هن جيو ته غيرقانوني رهندڙ پرڏيهين کي پاڪستان ڇڏڻو پوندو، اطلاعات بابت نگران وزير مرتضيٰ سولنگي

لاهور (بيورو) پاڪستان ۾ غيرقانوني طور تي رهندڙ افغان شهرين جي واپسي جو عمل تيز ٿي ويو آهي. 54 افغان خاندان واپس هليا ويا آهن جڏهن ته پشاور، خيبر ۽ ٻين علائقن ۾ افغانين پنهنجون ملڪيتون وڪرو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن. اطلاعات بابت نگران وزير مرتضيٰ سولنگي جيو آهي ته غيرقانوني رهندڙ پرڏيهين کي پاڪستان ڇڏڻو پوندو. هن جيو ته غيرقانوني رهندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پاڪستان ۾ غيرقانوني طور تي رهندڙ افغان شهرين جي واپسي جو عمل تيز ٿي ويو آهي

جي ورچڙهيل افغانين کي نيڪالي ڏيڻ بدران انهن کي تحفظ ۽ پناهه ڏيڻ جو سلسلو جاري رکي. گڏيل قومن طرفان افغان پناهگيرن جي مدد جي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: مسلم ليگ (ن) جو صدر شهباز شريف سان پارٽي اڳواڻ سعيد احمد خان ۽ آصف سعيد سان ملاقات ڪندي

پاڪ بحريه جي نئين سربراهه ايڊمرل نويد اشرف ڪمان سنڀاليو ورتي

پاڪ بحريه جي ڪمان جي تبديلي واري تقريب پي اين ايس ظفر اسلام آباد ۾ ٿي

نيول چيف ايڊمرل (ر) محمد امجد خان نيازي نئين ايڊمرل نويد اشرف جي حوالي ڪمان ڪئي

اسلام آباد (بيورو) ايڊمرل نويد اشرف پاڪ بحريه جي 23هين سربراهه جي حيثيت سان ڪمان سنڀاليو ورتي آهي. پاڪ بحريه جي ڪمان جي تبديلي واري تقريب پي اين ايس ظفر اسلام آباد ۾ ٿي جنهن ۾ هٽايل نيول چيف ايڊمرل (ر) محمد امجد خان نيازي نئين ايڈمرل نويد اشرف جي حوالي ڪئي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پوليس کي وزيراعظم مودي ۽ احمد آباد اسٽيڊيم کي ڌماڪي سان اڏائڻ جون ڌمڪيون

ممبئي (م ڊ) پارٽي پوليس کي هڪ اي ميل ملي آهي جنهن ۾ وزيراعظم نريندر مودي ۽ احمد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

بونير ۾ پوليس وين تي ريموٽ ٻم حملو، هڪ اهلڪار شهيد

خيبرپختونخواهه (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي ضلعي بونير جي علائقي ايلم پهاڙي ۾ پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

نوازشريف چوٿون پيرو به وزيراعظم بڻجندو: خواجه آصف

نوازشريف 21 آڪٽوبر تي واپس اچي رهيو آهي انشاءالله هو چوٿون پيرو وزيراعظم بڻجندو ۽ اهي سمورا مسئلا حل ٿيندا

نوازشريف بجلي جو يونٽ 11 روپيه ڇڏي ويو هو اڄ بجلي جو في يونٽ 55 روپين جو ٿي چڪو آهي

لاهور (بيورو) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ خواجه آصف چيو آهي ته نوازشريف چوٿون پيرو به وزيراعظم بڻجندو. خواجه آصف پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته نوازشريف 21 آڪٽوبر تي واپس اچي رهيو آهي. انشاءالله هو چوٿون پيرو وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پي اي اي جي پاران 1 ارب کان وڌيڪ مالڻيت جو هوٽل سنڌ حڪومت کي ڏيڻ جو انڪشاف

لاڙڪاڻي ۾ پي اي اي جي ملڪيت سمبارا ان هوٽل کي سنڌ حڪومت جي حوالي ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي

1 ارب 15 ڪروڙ جي مالڻيت جو هوٽل سنڌ حڪومت جي حوالي ڪرڻ ۾ ڊپارٽمينٽ ۾ سنگين بي قاعدگين جي نشاندهي ٿي

ايئرلائين جي ڪمرشل مفادن کي نظرانداز ڪرڻ جي باري ۾ آڊيٽرز 2022 ۾ انتظاميه کي آگاهه ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) پي اي اي جي وڏي سخاوت سامهون اچي وئي آهي. لاڙڪاڻي ۾ هڪ ارب کان وڌيڪ مالڻيت جو هوٽل بنا ڪنهن معاوضي جي سنڌ حڪومت کي ڏنو ويو آهي. لاڙڪاڻي ۾ هڪ ارب کان سامهون اچي وئي آهي. لاڙڪاڻي ۾ پي آءِ اي جي ملڪيت سمبارا ان هوٽل کي قائدن ۽ ضابطن کان هٽي ڪري سنڌ حڪومت جي حوالي ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. 1 ارب 15 ڪروڙ جي مالڻيت جو هوٽل سنڌ حڪومت جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم بابت ناڪاري بل بورڊ تي سنڌ جي راندين واري وزير جو ايڪشن

سنڌ جي راندين واري وزير جنيد شاهه پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم بابت ناڪاري بل بورڊ جو نوٽيس ورتو

ٽيم جو مورال بلند ڪرڻ جي ضرورت آهي، اهڙي طريقي سان ٽيم جو حوصلو گهٽائڻ جو عمل برداشت نه ڪيو ويندو، جنيد شاهه

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي راندين واري وزير جنيد شاهه پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم بابت ناڪاري بل بورڊ جو نوٽيس وٺندي ان کي فوري طور هٽائڻ جو حڪم ڏئي چڏيو. فوڊ چين طرفان قومي ڪرڪيٽ ٽيم بابت ناڪاري پيغام وارو بل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

مرتضيٰ وهاب مڪاني چونڊن لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا

مرتضيٰ وهاب ضلعي جنوبي ۾ يوسي 13 جي خالي سيٽ تي چونڊون وڙهڻ جي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا

پولنگ 5 نومبر تي شيڊول آهي لاڳاپيل سيٽ پيپلز پارٽي جي يوسي چيئرمين طرفان استعيفيٰ ڏيڻ تي خالي ٿي هئي

وقت ثابت ڪندو ته ڪير ڇا آهي پ پ مٿان الزامن جو سلسلو هاڻ بند ٿيڻ گهرجي، مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ خالي مڪاني سيٽن تي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جي آخري ڏينهن ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب پنهنجا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيا آهن. مرتضيٰ وهاب ضلعي جنوبي ۾ يوسي 13 جي خالي سيٽ تي چونڊون/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پاڪستان ۾ آمريڪي ڊالر 6 مهينن جي گهٽ ترين سطح تي اچي ويو

انٽربينڪ ۾ ڊالر 5 روپيا 50 پئسا ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ 6 روپيا 50 پئسا سستو ٿيو. ڊالر سمگلنگ خلاف ڪارروائيون جاري آهن

هڪ هفتي ۾ انٽربينڪ ۾ ڊالر 5 روپيا 50 پئسا سستو ٿي ويو ۽ ڊالر 5 روپيا 50 پئسا گهٽجڻ ڪانپوءِ 282 روپين 69 پئسن جو ٿي ويو

هڪ هفتي ۾ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 6 روپيا 50 پئسا سستو ٿي 288 روپين مان گهٽجي 281 روپين 50 پئسن تي بند ٿيو.

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان ۾ ڊالر 6 مهينن جي گهٽ ترين سطح تي اچي ويو. هڪ هفتي ۾ انٽربينڪ ۾ ڊالر 5 روپيا 50 پئسا ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ 6 روپيا 50 پئسا سستو ٿيو. ڊالر سمگلنگ خلاف ڪارروائيون جاري آهن. جنهن سبب ڊالر 6 مهينن/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: سنڌ فوڊ اٿارٽي ٽيم جو بلديا ٽائون ۽ نيول ڪالوني ۾ ڪارروائين کان اڳ گروپ فوٽو

افغانستان وڃڻ جا ضابطا وڌيڪ سخت، ايف بي آر سسٽم قاعدن ۾ ترميم ڪري ڇڏي

اسلام آباد (بيورو) فيڊرل بورڊ آف رونيو (ايف بي آر) سسٽم رولز 2001 ۾ ترميم جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي، جنهن تحت پاڪستان ذريعي افغانستان وڃڻ وارن لاءِ ضابطا وڌيڪ سخت ڪيا ويا آهن. ايف بي آر جي اعلان موجب افغانستان وڃڻ واري سامان تي مالي تحفظ جي شرط لاڳو ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ فوڊ اٿارٽي ٽيم جي ڪراچي ۾ ڪارروائي، ڪيترن ئي هوٽلن ۽ ڪيرجي دڪانن تي ڏنڊ لڳايو ويو

ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي هدايت تي سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم بلديا ٽائون ۽ نيول ڪالوني ۾ ڪارروائي ڪئي

ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪيماڙي بشير خان پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪيترن ئي هوٽلن، بيڪرين، پڪوان سينٽرن ۽ ڪيرجي دڪانن جو معائنو ڪيو

سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ڪيترن ئي ريسٽورنٽس، پڪوان سينٽرن، بيڪرين ۽ ڪيرجي دڪانن کي امپروومينٽ نوٽيس پڻ ڏنا

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي هدايت تي سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم بلديا ٽائون ۽ نيول ڪالوني ۾ ڪارروائي ڪئي. ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪيماڙي بشير خان پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪيترن ئي هوٽلن، بيڪرين، پڪوان سينٽرن ۽ ڪيرجي دڪانن جو معائنو ڪيو. سنڌ فوڊ اٿارٽي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

حماس جو اسرائيل تي حملو، دنيا جو ردعمل

ايران جي حمايت يافتا ڏڙي جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي، اسرائيل

دنيا طرفان ان حملي تي مختلف ردعمل جو اظهار ڪيو پيو وڃي

تل ابيب/غزا (م ڊ) فلسطيني ڏڙي "حماس" اسرائيل تي هيل تائين جو سڀ کان وڏو حملو ڪيو آهي. جنهن ۾ غزا پٽي کان هزارين راڪيٽن بيراج فائر ڪيو ويو. ان کان پو، اسرائيلي آبادين ۾ داخل ٿيندڙ بندوق بردارن جي اوچتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ سان سردار سرفراز بومڪي ملاقات ڪندي

افغان پناهگيرن سان زيادتي برداشت نه ڪنداسين: محمود اچڪزئي

افغان پناهگيرن کي قانون موجب واپس موڪليو وڃي

بنا جواز رات جي اونداهي ۾ ڪنهن کي گهر گهڙڻ جي اجازت نه ڏيندا سين

ڪوئيٽا (م ڊ) پشتونخوا ملي عوامي پارٽي جي سربراهه محمود خان اچڪزئي چيو آهي ته افغان پناهگيرن کي قانون موجب واپس موڪليو وڃي. ڪنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسرائيلي رياست تي حملو، ايران جون حماس کي واڌايون

حملن کانپوءِ فلسطيني مزاحمتي تنظيم حماس کي واڌايون پيش ڪيون آهن

فلسطين ۽ والاريل بيت المقدس جي آزادي تائين فلسطينين سان ڳڏ آهيون

تهران (م ڊ) ايران اسرائيلي رياست تي حملن کانپوءِ فلسطيني مزاحمتي تنظيم حماس کي واڌايون پيش ڪيون آهن. پڙهيڪي ميڊيا موجب ايراني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

افغان پناهگيرن کي ڪڍڻ جي فيصلي ۾ تڪڙ کان پاسو ڪيو وڃي، سراج الحق

پاڪستان کي نفرت کي هوا نه ڏيڻ گهرجي، جماعت اسلامي افغانين جو ڪيس وڙهندي

پاڪستان جي عوام اڌ صديءَ کان مسلسل افغانين جو ساٿ ڏنو آهي

پشاور (م ڊ) جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چيو آهي ته افغانستان ۽ پاڪستان جاڙا پائر آهن. انهن کي جدا نٿو ڪري سگهجي، اسان جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پيٽرول 38 رُپيا في ليٽر سستو ٿيڻ جو امڪان

عالمي مارڪيٽ ۾ گهٽتائي بعد پيٽرول 102 ڊالر في بيرل جي سطح تي اچي ويو

رپئي جي ملهه ۾ مسلسل واڌ سبب به تيل اڳهن ۾ لاٿ جو امڪان آهي

اسلام آباد (بيورو) عالمي سطح تي پيٽروليم شين جي اڳهن ۾ لاٿ ڪانپو، پاڪستان ۾ تيل اڳهن ۾ رڌي لاٿ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

لاهور: نگران صوبائي وزير صحت پروفيسر ڊاڪٽر جاويد اڪرم علامه اقبال ميڊيڪل ڪاليج جي ڪانووڪيشن کي خطاب ڪري رهيو آهي

سڪر جي آرٽس ڪائونسل ۾ صنفي تشدد تي فاطمه قرڙو جي نالي سان ڪانفرنس

سڪر جي آرٽس ڪائونسل ۾ صنفي تشدد تي فاطمه قرڙو جي نالي سان ڪانفرنس ڪوٺائي وئي

ڪانفرنس ۾ سوشل ايڪٽوسٽن، وڪيلن، اديبن، سياسي ۽ سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي

فضيلا 9 سالن جي هئي ته ڪيس اغوا ڪيو ويو هو، 17 سال گذرڻ باوجود منهنجي ڌيءُ بازياب نه ڪرائي وئي، سڪينه سرڪي

سڪر (رپورٽر) سڪر جي آرٽس ڪائونسل ۾ صنفي تشدد تي فاطمه قرڙو جي نالي سان ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ ڪراچي کان ڪشمور تائين جون ايڪٽوسٽ عورتن سميت سوشل ايڪٽوسٽن، وڪيلن، اديبن، سياسي ۽ سماجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڊاري آبادڪاري کي حڪمرانن اسان جي خلاف استعمال ڪيو آهي، رياض علي چانڊيو

افغان آبادي هتي اسان مقامي ماڻهن، ڌرتي ڌڻين جي معيشت ۽ امن امان لاءِ عذاب جي صورت اختيار ڪري وئي آهي

لکين غيرملڪين کي ٻاهر ڪڍڻ جي سنڌ پوليس ۽ رينجرس طرفان ڪابه ڪارروائي نظر ڪونه ٿي اچي

شهر افغان آبادي سان ڀريا پيا آهن، نادرا انهن کي سهولت ڏئي انهن جا غيرقانوني شناختي ڪارڊ ۽ پاسپورٽ ٺاهي ڏنا آهن

حيدرآباد (بيورو) چيئرمين جيئي سنڌ محاذ رياض علي چانڊيو طرفان ڊويزن حيدرآباد جو تنظيمي اجلاس طلب ڪيو ويو اجلاس ۾ عهديدارن ۽ ڪارڪنن سان مخاطب ٿيندي چيئرمين جيئي سنڌ محاذ چيو ته ڊاري آبادڪاري کي حڪمرانن اسان جي خلاف هڪ هٿيار جي طور تي استعمال ڪيو آهي اهو سلسلو 1947ع کان رڻي آج سوڌو جاري آهي. ڪنهن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سڪر: وڪيل برادري سنڌ ۾ غير ملڪين جي آبادڪاري خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

ڊينگي ڪجهه ملڪن ۾ وبا بڻجي سگهي ٿي، ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن

اسلام آباد (بيورو) ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن (ڊبليو ايچ او) خبردار ڪيو آهي ته ڊينگي ايندڙ سالن ۾ ڪيترن ئي ملڪن ۾ هڪ موذي مرض بڻجي سگهي ٿو. ڊينگي کي روڪڻ لاءِ فوري قدمن تي زور ڏنو آهي. مچر جي ڪنگڻ سبب پيدا ٿيندڙ بيماري. ڊينگي بخار Aedes /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سنڌ جي صحت ڪاتي 3 وڏين اسپتالن لاءِ گهرايل 4 روبوٽڪ سسٽم جا ٽينڊر رد ڪري ڇڏيا

سنڌ جي صحت ڪاتي جناح اسپتال، گمبٽ اسپتال ۽ لمس اسپتال جي لاءِ گهرايل 4 روبوٽڪ سسٽم جا ٽينڊر رد ڪري ڇڏيا آهن

مالي وسيلن کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ جي لاءِ روبوٽڪ سرجري جو استعمال صرف ڏکين آپريشن جي لاءِ ڪيو وڃي

جناح ۽ سول اسپتال ۾ ليپروسڪوپي جي ذريعي پتو ڪڍڻ واري آپريشن جا پئسا نجي اسپتالن جي نسبت گهٽ آهن، سعيد خالد نياز

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي صحت ڪاتي جناح اسپتال، گمبٽ اسپتال ۽ لمس اسپتال جي لاءِ گهرايل 4 روبوٽڪ سسٽم جا ٽينڊر رد ڪري ڇڏيا آهن. سنڌ جي صحت ڪاتي جي نگران وزير چيو آهي ته سرڪاري اسپتالن کي هدايتون جاري ڪيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سڪر جي آرٽس ڪائونسل ۾ صنفي تشدد تي فاطمه قرڙو جي نالي سان ڪانفرنس

سڪر جي آرٽس ڪائونسل ۾ صنفي تشدد تي فاطمه قرڙو جي نالي سان ڪانفرنس ڪوٺائي وئي

ڪانفرنس ۾ سوشل ايڪٽوسٽن، وڪيلن، اديبن، سياسي ۽ سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي

فضيلا 9 سالن جي هئي ته ڪيس اغوا ڪيو ويو هو، 17 سال گذرڻ باوجود منهنجي ڌيءُ بازياب نه ڪرائي وئي، سڪينه سرڪي

نوشهروفيروز ۾ فاطميه فائونڊيشن جي هاسپيٽل بيسڊ بلڊ بئنڪ پاران جي عطيي جي ڪئمپ قائم

ڪئمپ ۾ حصو وٺندڙن جي همت کي سلام پيش ڪريون ٿا جيڪي انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ رت جو عطيو ڏئي رهيا آهن : اڳواڻ

هن نفسانفسيءَ جي دور ۾ همدرديءَ جو جذبو ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهيو آهي پر ختم نه ٿيو آهي ڪنهن به قسم جي پريشاني نه ٿيندي

جيڪڏهن اسان جا ماڻهو سچاءيءَ تي پنهنجي ماڻهن جي سماجي خدمتون ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌن ته اسان پنهنجون خدمتون ڪين اربينداسين

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ(فاطميه فائونڊيشن جي هاسپيٽل بيسڊ بلڊ بئنڪ سول اسپتال نوشهرو فيروز پاران رت جي عطيي جي ڪئمپ نورپور ۾ لڳائي وئي جنهن جي اڳواڻي سينئر ڊاڪٽر نورحسين مورو ڪئي سرپرستي سماج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: فاطميه فائونڊيشن جي هاسپيٽل پاران عطيي جي لڳايل ڪئمپ جو ڏيک

مانجهند پرسان ڪار جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت

تيز رفتار ڪار جو موٽر سائيڪل کي پويان کان زوردار ٽڪر هڻي ڪڍيو

30 ورهين جو اصغر علي ڪوسو سخت زخمي ٿي پيو، اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي)مانجهند پرسان اندس هاءِ وي تي ڪار جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت گهر ۾ گهرام مانجهند پرسان ٽوڙي ڦاٽڪ اندس هاءِ وي تي سيوهڻ کان جامشورو طرف ويندڙ تيز رفتار ڪار جو موٽر سائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهرو فيروز پرسان عورت پاران پٽ سميت پائٽن خلاف احتجاج

منهنجا پائٽا ڏمرجي پيا آهن چوڪري ڏيڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو آهي : مسمات لطينا

جيڪڏهن مونکي ۽ منهنجي پٽن کي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار منهنجا پائٽا هوندا

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ محمد حافظ سليمان ڪلهوڙو جي رهواسي مسمات لطينا پنهنجي پٽ سليم سان گڏجي پنهنجي پائٽن جي ظلمن کان تنگ ٿي ڪري نيشنل پريس ڪلب پهچي ميڊيا کي ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز: عورت پٽ سميت پائٽن خلاف پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي

دڙو ۾ پرسان ڳوٺ رٽا سومرو ۾ نوجوان اتحاد پاران منعقد ڪيل ڪلي ڪچهري منعقد

ايس ايس پي سجاول شهلا قريشي، ڊي ايس پي رحيم بخش چانڊيو عوام جا مسئلا ٻڌا

غيرقانوني رهندڙ افغاني پناڻن ۽ ٻين ڏوهي ماڻهن خلاف آپريشن ڪيو ويندو : ايس ايس پي

عورتن ۽ ٻارن تي جسماني تشدد ۽ ٻارن کان جبري پورهيو ڪرائيندڙ عناصرن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

دڙو(رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو پرسان ڳوٺ رٽا سومرو ۾ نوجوان اتحاد پاران منعقد ڪيل ڪلي ڪچهري ۾ ايس ايس پي سجاول شهلا قريشي، ڊي ايس پي رحيم بخش چانڊيو عوام جا مسئلا ٻڌندي چيو آهي سجاول ضلعي ۾ عورتن ۽ ٻارن تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نٽو پوليس سماجي اڳواڻ هيندس جي پروگرام مئنيجر حسين زنئور، اياز شيخ سميت چئن دوستن کي گرفتار ڪري ورتو

نٽو(ڊي) نٽو پوليس مڪلي تان سماجي اڳواڻ هيندس جي پروگرام مئنيجر حسين زنئور، اياز شيخ سميت چئن دوستن کي گرفتار ڪري سي آئي اي سينٽر نٽو منتقل ڪري ڇڏيو آهي. ٻئي طرف نٽو پوليس موجب هڪ نوجوان اياز شيخ بابت پوليس کي مٿس شڪ آهي، جنهن جي بنياد تي جانچ ڪريون پيا. شڪ دور ٿيڻ بعد سندن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دڙو: ايس ايس پي سجاول شهلا قريشي، ڊي ايس پي رحيم بخش چانڊيو ڪليل ڪچهري کي خطاب ڪندي

نٽو : استادن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان استادن جي مان ۾ آجياڻو

آجياڻي واري تقريب دوران استادن کي اجرڪون اوڏائي شاگردن هٿان گلدستا پڻ ڏنا ويا

سرڪاري اسڪولن جي حالت تمام گهڻي خراب آهي، نوٽيس ورتو وڃي : اڳواڻ

نٽو(جاويد لطيف ميمڻ)سنڌ ڪلچرل فورم پاران گورنمينٽ بوائز پرائمري ڪيمپس اسڪول مڪليءَ ۾استادن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان استادن جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو.ان موقعي تي استادن کي اجرڪون اوڏائي شاگردن هٿان گلدستا پڻ ڏنا ويا ،مختصر پر پروقار عزتن ۽ عظمتن سان تمتار هن تقريب ۾ ڳالهائيندي سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سڪر ۾ عظيم الشان ميلاد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم ۽ دستار فضيلت ڪانفرنس

خليفو مولانا محمد اشرف جتوئي، ڊاڪٽر سعيد اعوان، خليفي محمود علي ميمڻ، خليفو حسيب احمد راهوجو، خليفي حافظ اعجاز احمد منگي ۽ ٻين جي شرڪت

محبت ۽ عشق مصطفيٰ صه اسان جي مسئلن جي حل لاءِ اڪسير دوا آهي، اسان خوش قسمت آهيون جو الله تعاليٰ اسان کي حضرت محمد مصطفيٰ صه جي امت بنايو : عالم

محبوب سڄن سائين غريب نواز آهن، ڏينهن رات روحاني محنت ڪري مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم کان رحمتون ۽ برڪتون حاصل ڪن ٿا

سڪر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ)جماعت اصلاح المسلمين سڪر ضلعي جي زير اهتمام المرڪز انوار طاهري سائٽ ايريا سڪر ۾ عظيم الشان ميلاد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم ۽ دستار فضيلت ڪانفرنس منعقد ٿي. جنهن جي صدارت خليفو مولانا محمد اشرف جتوئي، ڊاڪٽر سعيد اعوان، خليفي محمود علي ميمڻ، خليفو حسيب احمد راهوجو، خليفي حافظ اعجاز احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪوٽڙي ۾ باباءِ سنڌ حيدربخش جتوئي جي 122 هين سالگرهه تقريب

ڪوٽڙي(رپورٽر) ڪوٽڙي ۾ حيدرآباد باباءِ سنڌ حيدربخش جتوئي جي 122هين سالگرهه جي موقعي تي سنڌ هاري ڪميٽي اڳواڻ احمدنواز انتلابي جي اڳواڻي ۾ سٽي گيٽ کان غلام شاهه ڪلهوڙو جي مقبري تائين عوامي مارچ ڪري بابا سنڌ حيدربخش جتوئي جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي سالگرهه جو ڪيڪ ڪٽي شاندار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سڪر: ميلاد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم ۽ دستار فضيلت جي ڪوئايل ڪانفرنس جو ڏيک

رتيديري ۾ "نعتيه مشاعرو" منعقد، محبوبِ خدا کي منظوم پيتائون پيش

نالياري اديب ۽ شاعر ساقي ابڙو جي ميزباني هيٺ "العباس ادبي منزل" تي هڪ خوبصورت تقريب ٿي

شاعرن پنهنجي نڪور تخليقن ۽ سگهڙن سينگار ذريعي سرورِ ڪائنات جي حضور عقيدت جا گل پيش ڪيا

معروف گلوڪارن سعيد سمون عرفان ميمڻ ۽ امداد عباسي سريلي آواز ۾ نعتون ڳائي محفل کي مهڪائي ڇڏيو

ٺٺو ديرو(رپورٽ: شاد محمود پٽو) رتيديري ۾ "نعتيه مشاعرو" منعقد: ذات ڏٺين پاران محبوبِ خدا کي منظوم پيتائون پيش، نالياري اديب ۽ شاعر ساقي ابڙو جي ميزباني هيٺ "العباس ادبي منزل" تي هڪ خوبصورت تقريب ٿي، شاعرن پنهنجي نڪور تخليقن ۽ سگهڙن سينگار ذريعي سرور ڪائنات جي حضور عقيدت جا گل پيش ڪيا، معروف گلوڪارن سعيد سمون عرفان ميمڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

خانپور مهر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر خانگڙهه جو حدد خليون خلاف آپريشن. دڪاندارتي ڏنڊ

شهر جي مختلف بازارن شاهي بازار، ڪلاٽ بازار، ماڪائي اسٽينڊ، لوهي بس اڈو، ٽڪراڻو روڊ ۽ ٻين علائقن ۾ آپريشن ڪيو ويو

غيرقانوني حددخليون هٽايو ويو، شهر ۾ وڏيڪ اگر وٺندڙ دڪاندارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي : اسسٽنٽ ڪمشنر

غيرقانوني طور حددخليون خلاف آپريشن ڪيو آهي ۽ دڪانن مٿان وڏيڪ اگهه وٺڻ تي ڏنڊ وڌا ويا آهن

خانپور مهر(رپورٽ:آفتاب سيال)خانپورمهر شهر جي مختلف بازارن شاهي بازار، ڪلاٽ بازار، ماڪائي اسٽينڊ، لوهي بس اڈو، ٽڪراڻو روڊ، پنج گلي چوڪ گهوٽڪي بس اڈو ٻين هنڌن تي غيرقانوني حددخليون، ۽ وڏيڪ اگهه وٺندڙن خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

پيروسڻ ۾ ڪير وڪرو ڪندڙ پورهيت کان قرخلاف احتجاجي مظاهرو

پيروسڻ(رپورٽر)پيروسڻ ۾ ڪير وڪرو ڪندڙ پورهيت کان قرٽيل موٽر سائيڪل ۽ ڪيش رقم جا جوابدار گرفتار نه ٿين خلاف ڳوٺائن جو احتجاجي مظاهرو، ڳوٺ باقي خان اعوان واسي محمد حنيف اعوان، عاشق علي اعوان، عمران اعوان ٻين مظاهرو ڪري نعري بازي ڪئي،ان موقعي تي ڪير وڪرو ڪندڙ پورهيت محمد حنيف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

خانپورمهر: اسسٽنٽ ڪمشنر رداز زهرا حددخليون خلاف آپريشن ڪندي

نوشهرو فيروزجي سياسي سماجي ۽ سول سوسائٽي جي هنگامي گڏجاڻي ڪانپو، ورتل گروپ فوٽو

نوشهرو فيروزجي سياسي سماجي ۽ سول سوسائٽي جي هنگامي گڏجاڻي

سنڌ ۾ به لڪين افغاني موجود آهن انهن کي فورن نيڪالي ڏني وڃي : اڳواڻ

اختياريون ڪئي ته هفتي اندر پنهنجي فورس وسيلي شهر مان ڏارين کي ڪڍن

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز جي سياسي سماجي ۽ سول سوسائٽي جي هنگامي گڏجاڻي تي جنهن ۾ حڪومت طرفان افغانين کي ڏنل ملڪ ڇڏڻ جي الٽيم کان سنڌ جي عوام پاران ٻ اهو ئي مطالبو آهي ته سموري ملڪ جيان سنڌ ۾ به لڪين افغاني موجود آهن انهن کي فورن نيڪالي ڏني وڃي، ان موقعي اياز راجپر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

مهانگائي عوام جي زندگي زهر بڻائي ڇڏي آهي : محمد حسين محنتي

بجلي بيهر مهانگي ڪرڻ ظلم آهي، ڪراچي ۾ مهانگائي ۽ عوام دشمن فيصلن خلاف گورنر هائوس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

50 هزار کان گهٽ آمدني وارن تي ٽيڪس لڳائڻ جو فيصلو ظلم ۽ غريبن کي جيئرو زمين ۾ دفن ڪرڻ برابر آهي

نادان حڪمران آءِ ايم ايف جي شرطن تي عمل ڪري پنهنجي عوام جي زندگي زهر بنائي رهيا آهن

ڪراچي(رپورٽر)جماعت اسلامي سنڌ جي امير اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي چيو آهي ته هڪ پيرو بيهر ڪراچي واسين لاءِ بجلي پوڻا پنج رپيا في يونٽ مهانگائي ڪرڻ ظلم آهي، ٻه مهينا گذري وڃڻ باوجود جان محمد مهر ۽ معصوم فاطمو فرڙو جي قاتلن کي سزا نه ملڻ حڪومتي ناڪامي آهي، آجر ڏينهن جماعت اسلامي پاران بلي اڳهن ۾ واڌ گرا ٽيڪس مؤهڻ سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

گهارو ۾ محتسب اعليٰ ڊائريڪٽر پاران شهر جو دورو، شهر ۾ هلندڙ صفائي سٿرائي جي حوالي سان تفصيل ورتا

گهارو(بشام جوڪيو)محتسب اعليٰ ڊائريڪٽر رياض احمد صديقي جو ٽائون ڪميٽي گهارو جي صفائي مهر جي حوالي سان شهر جو دورو، محتسب اعليٰ ڊاريڪٽر رياض احمد صديقي گهارو شهر جو دورو ڪري شهر ۾ هلندڙ صفائي سٿرائي جي حوالي سان تفصيل ورتا گهارو ۾ صفائي جي حوالي سان ساراهايو، هن چيو ته شهري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪراچي: ڪوئايل گڏجاڻي ۾ محمد حسين محنتي ۽ ٻيا اڳواڻ ڳالهائي رهيا آهن

ڪرڙاهه ۾ جمعيت طلباءِ اسلام پاران اجلاس منعقد، اڳواڻن جي شرڪت

اجلاس ۾ ضلعي صدر نون منتخب عهديدارن کان تحريري حلف ڪڍايو ويو

جي ٽي آءِ جو مقصد ديني عصري شاگردن جو گڏجي دين جو ڪم ڪرڻ آهي : اڳواڻ

جي ٽي آءِ جو مقصد ديني عصري اسٽوڊنٽس کي ڳڏ ڪري دين جو ڪم ڪرڻ آهي

ڪرڙاهه(رپورٽر) ڪرڙاهه ۾جمعيت طلباءِ اسلام يونٽ ڪرڙاهه جو انتخاب وقار احمد پٽو جي نگرانيءَ ۾ ٿي گذريو هڪ سال جي لاءِ شاهد حسين هاليپوٽو صدر ۽ اسحاق ساقي جنرل سيڪريٽري منتخب جي ٽي آءِ جو مقصد ديني عصري شاگردن جو گڏجي دين جو ڪم ڪرڻ آهي تنصيل موجب جي يو آءِ جي شاگرد تنظيم جمعيت طلباءِ اسلام يونٽ ڪرڙاهه جي اليڪشن ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

سلطانپور سميت پرپاسي وارين يوسين ۾ آيل روڊ رستن جون اسڪيمون رولڙي جو شڪار

ڪروڙين روپيا هڙپ ٿي ويا، عوام جي سڪ لاءِ ٺهندڙ روڊ رستا عوام جي سهولت بدران آزار بڻجي ويا

اختياريون خاموش تماشائي بڻيل، ڪابه ڪارروائي نه ڪئي، نيب سڪر کان جاچ ڪرڻ جو مطالبو

سلطانپور(رپورٽ قربان علي مهر)سلطانپور سميت پرپاسي وارين يوسين ۾ آيل روڊ رستن جون اسڪيمون رولڙي جو شڪار، ڪروڙين روپيا هڙپ ٿي ويا، عوام جي سڪ لاءِ ٺهندڙ روڊ رستا عوام جي سهولت بدران آزار بڻجي ويا، اختياريون خاموش تماشائي بڻيل ،نيب سڪر کان جاچ ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب گذريل پي ڊي ايم حڪومت ۾ وفاق طرفان جاري ڪيل پنوعاقل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سڪر ۾ باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي جنم ڏينهن تي ريلي

اڳواڻن پاران سنڌ بچاءو ريلي سڪر جي ايوب گيٽ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

75 سالن کان معاشي پاليسي سبب عوام ڳاڻي ٽوڙ مهانگائي کي منهن ڏئي رهي آهي : ثمر جتوئي

قبائلي سرشتي جي ڪري پورهيت ۽ مڊل ڪلاس جا ماڻهو اتر سنڌ ۾ بدامني جي باهه ۾ سڙي رهيا آهن

سڪر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ)سنڌ هاري ڪاميٽي پاران 07 اڪٽوبر 2023 باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي جنم ڏينهن تي سنڌ بچاءو ريلي سڪر جي ايوب گيٽ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي ڪارڪنن، هارين، مزدورن، پورهيتن ۽ سماج جي مختلف شعبن جي ماڻهن شرڪت ڪئي، ريلي جي اڳواڻي سنڌ هاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

دادو : ٽلٽي ۾ حضرت شيخ المشائخ مخدوم سندو قريشي جو سالياني عرس مبارڪ ملهايو ويو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ٽلٽي ۾ حضرت شيخ المشائخ مخدوم سندو قريشي جو سالياني عرس مبارڪ ملهايو ويو قرآن خواني بعد عرس جي تقريب جو آغاز، جماعت لواري شريف جا مريد، عقيدتمند ۽ ڳوٺاڻا شريڪ مخدوم سندو قريشي جون ڪيترين ئي ڪرامتون مشهور آهن: مولانا محمد ابراهيم خليلي جو خطاب ٽلٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سڪر: باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي جنم ڏينهن تي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

غوثپور ۾ نجي اسڪول جي پٽيوالي نينگر نديم ملڪ کي پوليس بازياب نه ڪرائي سگهي

مغوي نديم ملڪ جي وارثن ۽ ملڪ اتحاد جي اڳواڻن ڊاڪٽر ملڪ محمد خان، جيئو ملڪ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ايس ايس پي ڪشمور جي ڏنل سڪٽن دلاسن مان سخت مايوس ٿي ويا آهيون : مظاهرين جون دانهون

ايس ايس پي ڪشمور جي ڏنل سڪٽن دلاسن مان سخت مايوس ٿي ويا آهيون، معاملي جو نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) غوثپور هڪ مهينو اڳ اڻ جاڻل هٿيارٻندن هٿان مبينہ اغوا ٿيل شهر جي مسجد محلي جي رهواسي ۽ غوثپور ۾ نجي اسڪول جي پٽيوالي نينگر نديم ملڪ کي پوليس بازياب نه ڪرائي سگهي آهي، مغوي نديم ملڪ جي وارثن ۽ ملڪ اتحاد جي اڳواڻن ڊاڪٽر ملڪ محمد خان جيئو ملڪ محمد صالح ملڪ جي اڳواڻي ۾ صبحاڻي شام جو جئين لڳي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سلطانپور : ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سڪر نظير احمد قل پاران اسپتالن جو دورو

علائقن ۾ موجود اسپتالن جي وزٽ جي سلسلي ۾ جوٽاس ۾ قائم ميٽرنٽي هوم اسپتال جو دورو ڪيو

علائقي واسين دوائن فرنيچر، ايمبولينس، جنريٽر سميت سهولتن جي ڪوٽ بابت شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا

دوائون موجود هجڻ دوران ڪنهن مريض کي عملي اگر دوا نه ڏني ته ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي : ڳالهيون

سلطانپور (رپورٽ قربان علي مهر) سلطانپور ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سڪر نظير احمد قل پاران اسپتالن جي وزٽ جي سلسلي ۾ جوٽاس ۾ قائم ميٽرنٽي هوم اسپتال جو دورو ،عملو غائب، علائقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سلطانپور : ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر سڪر نظير احمد قل اسپتالن جو دورو ڪندي

ڪراچي جي سچل ڳوٺ ۾ استادن جي عالمي ڏاڙي جي موقعي تي تقريب

ڪراچي(رپورٽر)سچل ڳوٺ ۾ 5 اڪٽوبر، استادن جي عالمي ڏاڙي جي موقعي تي گورنمينٽ بوائز ۽ گرلز اسڪول ايوننگ شفٽ سچل ڳوٺ ۾ هڪ ساد، پر وقار تقريب منعقد ڪئي وئي، ان موقعي تي سماجي اڳواڻ ڪلي ويلفيئر آرگنائيزيشن جي ايجوڪيشن ڪميٽي جي چيئرمين ۽ هيڊ ماسٽر محمد سليمان اگرو پروگرام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

جهڏو: پسند جو پرٽو ڪندڙ جوڙو تحفظ جي اپيل ڪندي

جهڏو ۾ پريمي جوڙي پاران تحفظ لاءِ احتجاج

پسند جو پرٽو ڪرڻ کان پوءِ سندس مائٽ جان جا دشمن بڻجي ويا آهن : جوڙو

فوري طور تي مڙس تي داخل ڪيل ڪوڙو ڪيس ختم ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

جهڏو(رپورٽر) ڪراچي واسيءَ 18 ساله ناري امبرين ولد محمد اقبال قريشي 24 ساله نوجوان عامر حسين ولد محمد عرس لنجار سان حيدرآباد جي عدالت ۾ پيار جو پيار جو پرٽو ڪيو. ان موقعي تي ناري صحافين آڏو دانهيندي چيو ته پسند جو پرٽو ڪرڻ کان پوءِ سندس مائٽ جان جا دشمن بڻجي ڳوليندا وتن، هن چيو ته مون پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دادو ۾ عالمي روحاني تحريڪ انجمن سرفروشان پاران مستونگ واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪامران ملڪ عبدالڪريم جمالي، غلام رسول سولنگي بشير احمد چانڊيو ۽ ثاقب چنه ۽ ٻين احتجاج ڪيو، نعربازي

اسان مستونگ ۾ ٿيل دهشتگردي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا، واقعي کي عالمي دهشتگردي قرار ڏيون ٿا : مظاهرين

حڪومت پاڪستان کان سخت لفظن ۾ مطالبو ڪيون ٿا اهڙن دهشتگردن ۽ پاڪستان دشمن عناصرن کي سزا ڏني وڃي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) عالمي روحاني تحريڪ انجمن سرفروشان اسلام جي پاران پريس ڪلب دادو جي سامهون مستونگ بلوچستان ۾ جشن عيد ميلاد نبي جي ريلي ۾ ٿيل دهشتگردي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾اڳواڻن ڪامران ملڪ عبدالڪريم جمالي، غلام رسول سولنگي بشير احمد چانڊيو ۽ ثاقب چنه سميت وڏي تعداد تمام مڪاتب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سجاول : عوامي تحريڪ جي اڳواڻ عبدالقادر رانٽو جو پٽ لاڏاڻو ڪري ويو

سجاول (ڊ ر) عوامي تحريڪ جي سينيئر اڳواڻ عبدالقادر رانٽو جي پٽ سليمان رانٽو جي وچوڙي تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻن انتهائي ڏک جو اظهار ڪندي چيو آهي ته اسان هن ڏک جي گهڙين ۾ ڏاڏا عبدالقادر ۽ سندس خاندان سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون، سليمان رانٽو جي جنازي نماز ضلعي سجاول جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

دادو: عالمي روحاني تحريڪ انجمن سرفروشان پاران مستونگ واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج جاري

صحافين گلڻ پنڊ، ولي محمد لنڊ، غوث جهتيال، سهيل سومرو ڪامريڊ نياز حسين پنهور احتجاج ڪيو

صحافي جان محمد مهر جا مڪ قاتل ۽ قاتلن جي سرپرستي ڪندڙ اڃان تائين گرفتار نه ٿي سگهيا آهن : مظاهرين

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) حيدرآباد يونين آف جنرلسٽ پاران سنڌ جي ٻي باڪ صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن ۽ قتل ۾ ملوث جوابدارن جي سرپرستي ڪندڙن خلاف دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ صحافين گلڻ پنڊ، ولي محمدلنڊ، غوث جهتيال، سهيل سومرو ڪامريڊ نياز حسين پنهور ۽ ٻين چيو ته 53 ڏينهن گذرڻ باوجود شهيد صحافي جان محمد مهر جا مڪ قاتل ۽ قاتلن جي سرپرستي ڪندڙ اڃان تائين گرفتار نه ٿي سگهيا آهن جيڪا نگران حڪومت جي نا اهلي آهي ڪافي وقت کان سنڌ جي اندر حق سچ لکندڙ صحافين کي تارگيٽ ڪري شهيد ڪيو پيو وڃي، احتجاج ڪندڙن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

مانجهند پرسان ڪار جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت

تيز رفتار ڪار جو موٽر سائيڪل کي پويان کان زوردار ٽڪر هڻي ڪڍيو

30 ورهين جو اصغر علي ڪوسو سخت زخمي ٿي پيو، اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي)مانجهند پرسان اندس هاءِ وي تي ڪار جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت گهر ۾ گهرام مانجهند پرسان ٽوڙي ڦاٽڪ اندس هاءِ وي تي سيوهڻ کان جامشورو طرف ويندڙ تيز رفتار ڪار جو موٽر سائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهرو فيروز پرسان عورت پاران پٽ سميت پائٽن خلاف احتجاج

منهنجا پائٽا ڏمرجي پيا آهن چوڪري ڏيڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو آهي : مسمات لطينا

جيڪڏهن مونکي ۽ منهنجي پٽن کي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار منهنجا پائٽا هوندا

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)نوشهرو فيروز پرسان ڳوٺ محمد حافظ سليمان ڪلهوڙو جي رهواسي مسمات لطينا پنهنجي پٽ سليم سان گڏجي پنهنجي پائٽن جي ظلمن کان تنگ ٿي ڪري نيشنل پريس ڪلب پهچي ميڊيا کي ٻڌايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز: عورت پٽ سميت پائٽن خلاف پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي

پي ايف يو جي پاران ايندڙ سومر تي ملڪ گير احتجاج ڪرڻ جو اعلان

پريس ڪلب تي ڪارا جهنڊا لڳائي يوم احتجاج ملهايو ويندو : افضل بٽ ۽ ٻيا

جان محمد مهر پي ايف يو جي ۽ سڪر يونين آف جرنلسٽس جو سينئر ڪارڪن ۽ اڳواڻ هو

سڪر(بيورو رپورٽ)پي ايف يو جي پاران ايندڙ سومر تي ملڪ گير احتجاج ڪرڻ جو اعلان، پريس ڪلب تي ڪارا جهنڊا لڳائي يوم احتجاج ملهايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪيڏ شهر جي رهواسي وقار چانڊيو سان بدفعلي جي ويڊيو وائرل

نينگر پاران عوامي پريس ڪلب ڪيڏ اڳيان احتجاج، انصاف ڏيارڻ جي گهر

زيادتي جي جوابدار کي گرفتاري ڪري انصاف ۽ تحفظ ڏياريو وڃي : متاثر

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڪيڏ شهر جي رهواسي وقار چانڊيو سان بدفعلي جي ويڊيو وائرل متاثر نينگر پاران عوامي پريس ڪلب ڪيڏ اڳيان احتجاج انصاف جو مطالبو تفصيل موجب ڪيڏ شهر سان تعلق رکندڙ نوجوان ڊسپينسر وقار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

برادري همدردن ۽ دوستن جي راءِ سان آزاد حيثيت ۾ الڪيشن ڪندس : ڪمال چانگ

هن وقت پيپلزپارٽي تي سڀ وقت آهي پر جڏهن ڏکيا وقت هئا سڀ هٽ ڪڍي ويا

منهنجي برادري جو وڏو ووٽ هجڻ باوجود چيو ويو چانگ برادري پ پ کي ووٽ ناهي ڏنو

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) پيپلزپارٽي جي اڳوڻي ايم اين اي بدين ضلعي جي اڳوڻن ناظم سردار ڪمال خان چانگ پيپلزپارٽي کان رسنا ڏار ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

بدين: اڳوڻ ڪونسلر تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

تلهار پرسان معصوم نينگر راند ڪندي واهه ڪري ٻڏي فوت

هڪ ورهين جو اويس چانڊيو گهر پرسان راند ڪندي واهه اندر ڪري ٻڏي ويو

معصوم نينگر جو لاش وارثن حوالي، گهر پاتين ۾ قهرام مچي ويو

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) تلهار پرسان يونين پيرولاشاري جي ڳوٺ نم چانڊيو ۾ معصوم نينگر گهر پرسان راند ڪندي واهه ڪري ٻڏي فوت ٿي ويو لاش اسپتال منتقل ڪيو تلهار ويجهو يونين پيرولاشاري جي ڳوٺ نم چانڊيو ۾ پورهيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

بدين ۾ غيرقانوني هلندڙ پيٽرول پمپن خلاف ڪارروائي شروع

اسسٽنٽ ڪمشنر پاران ٽي پمپ سيل هڪ تي پنجاهه هزار روپيا ڏنڊ

اي سي ٽي پيٽرول پمپ غيرقانوني ظاهر ٿيڻ تي ٽئي پمپ سيل ڪري ڇڏيا

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾غيرقانوني هلندڙ پيٽرول پمپن خلاف ڪارروائي شروع ٿي وئي آهي ٽي پمپ سيل هڪ تي پنجاهه هزار روپيا ڏنڊ تفصيل موجب اسسٽنٽ ڪمشنر بدين محترما رابيعا سعيد بدين ۾ پيٽرول پمپن جي چيڪنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

بدين: اي سي رابيعا سعيد غيرقانوني هلندڙ پيٽرول پمپن خلاف ڪارروائي ڪندي

نٽون ديرو ۾ فورٽ اسسٽنٽ سيشن جج لاڙڪاڻو پاران لائبريرين جو دورو

فورٽ اسسٽنٽ سيشن جج اعجاز علي چانگ لائبريري ۾ پيل ڪتابن جو رڪارڊ چيڪ ڪيو

لائبريري اندر ويهل اسٽوڊنٽ سان ڳالهه ٻولهه ڪري سندن کان لائبريري متعلق معلومات ورتي

نٽون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٽو) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي سنڌ اندر قائم لائبريرين جي وزٽ لاءِ فورٽ اسسٽنٽ سيشن جج لاڙڪاڻو پاران لاڙڪاڻي ضلعي اندر قائم لائبريرين جي وزٽ لاءِ مقرر فورٽ اسسٽنٽ سيشن جج لاڙڪاڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نٽو : ايس ايچ او ميرپورساڪرو پاران منشيات فروش خلاف ڪارروائي

6640 پيڪٽ انڊين سفينا ۽ وڏي تعداد ۾ گٽڪو مائو برآمد ڪري 2 جوابدار گرفتار

ڪو به ڏوهاري يا منشيات فروش قانون کان ڪڏهن بچي نٽو

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 08 آڪٽوبر 2023ع

وري بجلي اڳهن ۾ واڌ ، وري مِني بجيٽ جي تلوار

حڪمرانن جو اهو طريقہ واردات رهيو آهي تہ اهي هڪ هٿ سان ڏيئي ٻئي هٿ سان واپس وٺي وٺندا آهن. هلندڙ مهيني جي پهرين تاريخ تي پيٽروليم جي قيمتن ۾ ڪجهہ رليف ڏنو پر وري بجلي جي قيمتن ۾ واڌ ڪري انهن واپس وٺي ورتو آهي. بجلي جي قيمتن ۾ واڌ بنا ڪنهن شيڊول جي ڪئي ٻئي وڃي ۽ حڪومت گهٽو ڪري فيول ايڊجسٽمينٽ جي نالي ۾ عوام کي پيڙي رهي آهي. نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ بجلي هڪ روپيو 71 پئسا في يونٽ مهانگي ڪري ڇڏي. ان حوالي سان بجلي مهانگي ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو. نوٽيفڪيشن موجب واڌ آگسٽ جي ماهوار فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪئي وئي، بجلي جي اڳهہ ۾ واڌ آڪٽوبر جي بلن ۾ لاڳو ٿيندي. نوٽيفڪيشن ۾ توڙي جو چيو ويو آهي تہ واڌ لائف لائن ۽ ڪي اليڪٽرڪ واهپيدارن تي لاڳو نہ ٿيندي. پر ان جي باوجود ڪراچي جي لاءِ بجلي جا اڳهہ وڌايا ويا آهن. ڪراچي جي لاءِ بجلي 4.45 روپيا في يونٽ تائين مهانگي ڪئي وئي آهي. نيپرا جي فيصلي ڪانپوءِ پاور ڊويزن باضابطہ نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. نوٽيفڪيشن مطابق واڌ گذريل مالي سال جي پهرين ٽماهي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪئي وئي آهي.

حڪومت لڳاتار عوام تي مالي بار منتقل ڪري ان جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. ماڻهن لاءِ روح ۽ جسم جو رشتو برقرار رکڻ مشڪل بڻجي ويو آهي. پر موجوده نگران حڪمرانن تہ عوام تي ستم جون نيون نيون مشقون آزمائڻ شروع ڪيون آهن ۽ ان حوالي سان نوان رڪارڊ جوڙيا آهن. انهن عوام کي ان هنڌ تي آڻي بيهاريو آهي، جتي زندگيءَ جي اذيت موت کان بہ سرس ۽ سوائي ٿي ويئي آهي. مسلسل مهانگائي وڌائي ماڻهن جي جيئڻ جا گس سوڙها ڪيا ويا آهن. مهانگائي اصل ۽ اهم مسئلو آهي، جنهن تان ڌيان هٽائڻ لاءِ روز نان اشوز اٿاري نوان نوان ناٽڪ ڪيا پيا وڃن تہ جيئن عوام انهن 'نان اشوز' ۾ ئي الجهيل رهي. مهانگائي آهي. جيڪا مسلسل راڪيٽ رفتاريءَ سان وڌي رهي آهي. حڪومت وٽ مهانگائيءَ کي روڪڻ لاءِ ڪو بہ مڪينزم ڪونهي. مهانگائي ڏينهن ڏينهن وڌي رهي آهي. هن کان اڳ يوٽيلٽي اسٽورن تي شين جا اڳهہ وڌائي ڪسر پوري ڪئي ويئي. هاڻي تہ وري چئن مهينن لاءِ مني بجيٽ آڻڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن. جنهن لاءِ پڻ ٻڌجي ٿو تہ هن ئي هفتي اهو بہ عوام مٿان ڪيرايو ويندو ظاهر آهي تہ اها مني بجيٽ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ نہ پر عوام کي وڌيڪ نچوڙڻ لاءِ آندي ٻئي وڃي.

هي ملڪ تمام گهڻا معدني وسيلا رکي ٿو. جتي جي ڪاٽين مان سون نڪرندو هجي، جتي سامونڊي بندرگاهہ هجن، جتي ڪاري سون (ڪوئلو) جا ذخيرا هجن، جتي لاتعداد سياحتي ماڳ هجن، ان ملڪ جي معيشت ڪشڪول تي آڌاريل هجي، ان لاءِ تہ ڏميوار اهي حڪمران آهن، جيڪي ملڪي وسيلا عوام تي خرچ ڪرڻ بدران انهن کي تين وال ڪري رهيا آهن. هاڻي تہ اسان جي ملڪ کي ڪو قرض بہ ان ڪري نٿو ڏئي، رکو اهو سوچي تہ ڏيندا ڪٿان! هاڻي تہ اسان جي حڪمرانن وٽ صرف بہ ئي سهارا آهن، هڪ ڪشڪول ۽ ٻيو عوام. ڪشڪول تہ هاڻي پنهنجي پٽ وڃائي ويٺو آهي، ان ڪري هاڻي حڪمرانن کي هر ڪوت عوام مان ئي پوري ڪرڻي آهي. هاڻي جڏهن مني بجيٽ اچڻ جون خبرون آهن تہ ماڻهن جا خوف ۽ انديشا بہ وڌي ويا آهن تہ سندن ٻچن جي وات تي جيڪو گرهہ آهي اهو بہ کسيو ويندو پر ٻئي طرف حڪمرانن کان ڪو بہ پڇاڻو ڪونهي. سندن جواز اهو هوندو آهي تہ، ملڪ تہ هلائڻو آهي! حڪمرانن کي آخرا ڳالهہ چونئي سمجهہ ۾ اچي تہ ملڪ تڏهن ئي خوشحال سمجهيو ويندو آهي، جڏهن عوام خوشحال هوندو آهي. عوام جو رت ست نچوڙڻ سان ملڪ خوشحال ناهن ٿيندا. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ملڪ تي رحم ڪندي بهتر معاشي پاليسيون جوڙيون وڃن تہ جيئن نہ عوام تي مالي بار وڌائڻ جي ضرورت پوي ۽ نہ ئي وري مني بجيٽن جي ڪا گهُرج پوي.

****

صحيح وقت تي صحيح معلومات جي اهميت!

تانيہ شاهجهان

اسان جو ملڪ هونئن تہ آهي "جمهوري" ملڪ پر هتي جمهوريت ڪڏهوڪي موڪلائي چڪي آهي. ان جملي کي جيڪڏهن درست ڪري لکجي تہ ان جو صحيح سٽاءُ هي ٿيندو تہ هن ملڪ ۾ جمهوريت ڪڏهن رهي ئي نہ آهي. هتي 'ٽريل جَيز' (J.J.J) تي گهٽي سيڙپ ٿيندي رهي آهي ۽ انهن 'ٽريل جَيز' جو مطلب آهي 'جنرل- جج- جرنلسٽ'. هي جيڪو اسان روزانو ٽي وي چئنلز تي ٽاڪ شوز ڏسون ٿا، توهان ڇا ٿا سمجهو تہ انهن جي بحث مباحثي جا موضوع ڪي اتفاقي آهن؟ يا اتي ڪا ڳالهہ مان ڳالهہ نڪري ٿي؟ ائين قطعي ڪونهي. اهي اسان جا مان وارا جرنلسٽ مليل موضوع واري باقاعدي هڪ اسائنمينٽ کڻي اچي ٿا ويهن ۽ انهن جو ڪم راءِ عامہ جوڙڻ هوندو آهي. هتي 'جنرل' معنيٰ سيڪيورٽي اسٽيبلشمينٽ، جيڪا خود ان سڄي ماحول جي خالق هوندي آهي، منصوبا ساز هوندي آهي ۽ ان ڪانپوءِ جج اچي ٿا وڃن، جن جي حوالي ان "جمهوريت" جي قاتلي کي متعين ڪيل راهن تي وٺي هلڻ آهي. ان سڄي سٽاءَ ۾ سياستدانن تي وڏي سيڙپ ڪئي وڃي ٿي. انهن کي وڏي محنت سان انڪيوبيٽر جي ذريعي ڦوڙيو وڃي ٿو، انهن کي پالي نپائي وڏو ڪيو وڃي ٿو. تربيت ڪئي وڃي ٿي، جيئن پي ٽي آءِ سربراهہ جي ڊينٽنگ ۽ پينٽنگ ڪئي وئي. صرف پي ٽي آءِ سربراهہ ئي نہ پر ميان نواز شريف تي بہ اسٽيبلشمينٽ جي وڏي سيڙپ ٿي. عمران خان تہ پهرين ئي تجربي ۾ فلاپ ٿي ويو پر ميان صاحب جيئن تہ مهانگو پراڊڪٽ هو ۽ ضياءُ الحق جي نرسري ۾ تيار ٿيو، ان ڪري اهو اقتدار جا تي عرصا گذاري هينئر چوٿين تجربي جي تيارين ۾ آهي. ضياءُ جي نرسري ۾ اوسر تہ عمران خان جي پڻ ٿي پر اهو اهي ناز ۽ انداز اپنائي نہ سگهيو ۽ مينهن ۽ ميان وانگر ڊئو جهلي نہ سگهيو. هونئن تہ هتي اهڙا ليڊر بہ رهيا، جن "حقيقي جمهوريت" خاطر زندگيون قربان ڪري ڇڏيون پر ميان صاحب کي اهڙي سُتي پيل ئي ناهي. جيئن ئي ٿورو سيڪ ايندو اٿس تہ هو اڏامي ويندو آهي ۽ پوءِ هر پيري ڊيل ڪري ساڳين پڍن تي موٽي ايندو آهي. نواز ليگ جو مزاج ڪڏهن بہ جمهوري نہ رهيو آهي. جڏهن بہ سويلين بالادستي جي ڳالهہ ٿئي ٿي تہ هر پيري نواز ليگ عين وقت تي پٺيءَ ۾ چرو هنيو آهي. جڏهن عدليہ ۾ ججن جي مقرري جو معاملو آيو تہ پڻ نواز ليگ پنهنجو اهو روايتي ڪردار ادا ڪيو. هن پيري بہ شهباز شريف طرفان مشڪلات جو شڪار اسٽيبلشمينٽ کي پنهنجو ڪلهو آڇي ان کي پريشانين مان ڪڍي حڪومت وٽ سبب جيڪي عوامي نفرتون پلٽہ پيون آهن، انهن جا نتيجا حڪومت وڃڻ بعد هاڻي سامهون اچي رهيا آهن. شهباز حڪومت ۾ جيڪا مهانگائي ٿي، ان ڪري هاڻي ماڻهو انهن تي اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن.

نواز شريف جي پهرين اينٽي اسٽيبلشمينٽ بيانئي ۽ پوءِ اسٽيبلشمينٽ طرفان اڪيون ڏيکارڻ بعد يو ٽرن وٺي ان سان هڪ پيج تي اچڻ جي ڪري پڻ نواز ليگ جي ساک متاثر ٿي آهي. هن وقت جيڪا صورتحال آهي، ان کي ڏسي نواز شريف يا ڪجهہ سائي ڪيس روڪين پيا تہ هو 21 آڪٽوبر تي ملڪ نہ اچي، ڇو تہ هاڻي عوامي حمايت وارو اهو گراف ناهي رهيو. تازو شهباز شريف سان لاهور ۾ ماڻهن ان جي گاڏي روڪي جيڪا ٿُٿ ڪئي آهي، ان مان بہ نواز ليگ جي عوام ۾ ساک جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو پر سندس ڪجهہ رفيق وري بہ ڪيس اهو پيا چون تہ جيڪڏهن هو هن پيري وطن واپس نہ آيو تہ گهڻو سياسي نقصان ٿيندو ۽ خود اسٽيبلشمينٽ بہ گهڻي مايوس ٿيندي. ان ڪانپوءِ نواز شريف 21 آڪٽوبر تي اچڻ جو پڪو پهہ ڪيو آهي پر هن جو چوڻ آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ پنج لک ماڻهو سندس تاريخي استقبال ۾ شامل هجڻ گهرجن. ياد رهي تہ پي ٽي آءِ جو 2011ع وارو جلسو مقتدر ڌرين جي حمايت سان ڪامياب ٿيو ۽ 21 آڪٽوبر 2023ع واري نواز شريف جي استقبال جي ڪاميابيءَ جي ضمانت جو دارو مدار بہ اصل اختيار ڏيڻ جي تعاون تي آهي، پر جڏهن مالڪن جي رضامندي شامل نہ هوندي آهي تہ پوءِ جلسو ڪارسز ڏماڪي يا لياقت باغ المئي جهڙا سانحا ئي سامهون ايندا رهيا آهن.

لڳي ائين ٿو تہ ڪو وڏو واقعو نہ ٿيو تہ چئن سالن کان پاڻمرادو جلاوطني ۾ گهاريندڙ نواز شريف 21 آڪٽوبر تي ضرور وطن واپس ايندو. ان حوالي سان نواز ليگ جي رابطا مهم جاري آهي پر هيستائين جيڪو ڏنو ويو آهي، سو اهو تہ شهباز شريف ۽ مريم نواز جي ڪوشش باوجود چند سئو ماڻهن کان وڌيڪ مجموعو گڏ نہ ٿيو ئي سگهي. تي پيرا وزير اعظم رهندڙ نواز شريف جي مقبوليت کي آخر چا ٿي ويو آهي. جو ماڻهو ان ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار ناهن. نواز شريف خاندان جي دعوا آهي تہ اهي گذريل ٽن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي کان پنجاب جي عوام جي خدمت ڪري رهيا آهن. پئي طرف ميڊيا جو موقف آهي تہ پنجاب ۾ تعليم هجي يا ترقي جا ٻيا ميدان. سڀ ميان برادران جي اقتدار واري دور جون حاصلات آهن. اها پڻ ڳالهہ مشهور آهي تہ نواز شريف ڪتنب، خاص طور تي شهباز شريف جي ڊولپمينٽ ماڊل جي سڄي دنيا معترف آهي. سوال اهو آهي تہ آخر ايترو ڪجهہ ڪرڻ باوجود پنجاب جا ماڻهو ڇو نواز شريف خاندان کان پري پيا رهن ۽ انهن جي حمايت ۾ ٻاهر ڇو نٿا اچن؟

ڪي تجزيہ نگار ان راءِ جا آهن تہ پنجاب جي آبادي لڳ ڀڳ 11 ڪروڙ آهي، ان آبادي جو 62 سيڪڙو ڳوٺن ۾، جڏهن تہ 38 سيڪڙو شهرن ۾ رهي ٿو. نواز شريف، شهباز شريف ۽ مسلم ليگ (ن) جو ووٽ بينڪ شهرن جي حد تائين محدود آهي. ٻهراڙين ۾ اهي پيپلزپارٽي وانگر اليڪٽيبلز تي انحصار ڪن ٿا. 2018ع واري اليڪشن ۾ انهن اليڪٽيبلز اسٽيبلشمينٽ جي اشارن تي پاسو بدلايو تہ نواز ليگ کي ڏينهن ۾ تارا نظر اچڻ لڳا. اهي اليڪٽيبلز ڪڏهن نواز ليگ جا هئا ئي ڪونہ. اهي تہ مقتدر قوتن جو اهڙو ڏاڍ آهن، جيڪو اهي پنهنجي پسنديده سياسي جماعت سان نڪاح وقت ان کي ڏيندیون آهن. پنجاب جي شهرن ۾ نواز شريف ۽ شهباز شريف جي سموري سيڙپ مڊل ڪلاس پاور بروڪرز جي آهي. پراپرٽي ڊيلر، قبضا مافيا، سرڪاري ڪاتن جا راشي ڪامورا، جيڪي "پاڻ بہ ڪائو ۽ مٽين کي بہ ڪارايو" واري پاليسي تي عمل ڪندا رهندا آهن. نواز ليگ جو سياسي پاور بيس آهن. لاهور جي 274 يونين ڪائونسل مان ڪنهن هڪ يونين ڪائونسل جو چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين بہ اهڙو ناهي، جنهن جو سڌي يا اڻ سڌي ريت واسطو پراپرٽي بزنس يا قبضا مافيا سان نہ هجي. نواز ليگ جو پاور بيس جن سماجي پرتن تي مشتمل آهي، اهي مقامي پوليس، تپيدار ۽ انتظاميا جي تعاون ڪانسواءِ هڪ قدم بہ نٿا کڻي سگهن. هي اهي طبقا آهن، جيڪي عوام کي دٻائين ٿا ۽ انتظامي آفيسرن جي خوشامد ۾ پنهنجي بقا سمجهن ٿا. انهن کان ڪنهن بہ متحرڪ ۽ پرجوش تحريڪ ۾ حصو وٺڻ جي اميد اجائي آهي. ٻهراڙين ۾ رهندڙ 62 سيڪڙو ماڻهن لاءِ نواز شريف هجي يا شهباز شريف، پنهي ڪجهہ ناهي ڪيو. ويترا انهن جا ترقياتي فنڊ پنهنجن من پسند شهرن جي ترقي تي خرچ ڪري ڇڏيا. انهن لاءِ وزير اعليٰ شهباز شريف هجي يا عثمان ڊار، انهن جي صحت تي ڪوبہ فرق نٿو پوي. اهي تہ اليڪٽيبلز جي رحم ڪرم تي آهن. پئي طرف هيئيون طبقو، پورهيت ۽ هيئيون وڇولو طبقو نواز شريف خاندان جي ڊولپمينٽ ماڊل مان فائدو ماڻي نہ سگهيو آهي. ڇو تہ اهو ڊولپمينٽ ماڊل اشرافيا جي مفاد جو آهي. ان ڪري عوام لاءِ نواز ليگ هجي يا پي ٽي آءِ، پنهي ۾ ڪو خاص فرق نہ آهي، پئي اشرافيا جون نمائنده جماعتون آهن ۽ پئي مقتدر قوتن کان اقتدار جي خيرات وٺندیون آهن، پوءِ اها خيرات ڪڏهن هڪ جماعت کي ملي ويندي آهي تہ ڪڏهن ٻي جماعت کي.

جون ٿا تہ ميان نواز شريف بين الاقوامي سطح تي ضمانتون حاصل ڪري ورتيون آهي، ڪيس چيو ويو آهي تہ هو وطن وڃي پر پنهنجي نہ هلائي، جيئن محترما بينظير ڪيو هو ۽ اسٽيبلشمينٽ سان معاهدي تان ڦري نہ وڃي ۽ ڪيس سندس انجام بہ اشارن ۽ ڪناين ۾ سمجهايو ويو آهي. نواز شريف جي اچڻ کان پوءِ هو عدالتن ۾ پيش پوندو. پوءِ چا ٿيندو، ڪيس 'مُڪتي' ملندي يا ٽريب ٿي ويندو، هن ملڪ جي ٻي اعتبار موسم ۾ ڪجهہ بہ ويساهہ سان جئي نٿو سگهجي.

صوفيِ سالم سي ويا، جي اَڪثر سين اَڏيارَ:
بازي بازِندنِ ڪي، آهي اَويسارَ:
پِريا سين پَهڪارَ، رِنديءَ رَساٽي ڪيا.

سنڌ اندر نياڻين جي تعليمي صورتحال!

ساجده پرهياڙ

هي ايڪويهين صدي جيڪا سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي صدي آهي، جيڪا جديد علمن جي صدي آهي جنهن ۾ باقي دنيا تي نظر ٿي ڦيرائجي تہ عقل کي چرخ ڪندڙ سائنسي ڪارناما ڏسيو ماڻهو حيران ٿيو وڃي. سائنس، ٽيڪنالاجي، علم فلڪيات، نفسيات ۽ ٻين فيلڊن ۾ دنيا ترقي جا ٻيهانا طئي ڪري هر شئي انسان جي اڳيان اچي رکي آهي. صحيح معنيٰ ۾ هي سخت مقابلي جي صدي آهي، جنهن جي دوڙ ۾ صرف اهي ئي ڪامياب ٿي سگهندا، جيڪي هن ايڪويهين صدي جي چيلينجن جو مقابلو ڪرڻ جي سگهہ رکندا هجن. اڄ جو دؤر جنهن ۾ انسان چنڊ کي لتاڙي هاڻي مريخ ۽ هن وشال ڪائنات ۾ ٻين سيارن تي زندگي بسر ڪرڻ جا سانباها ڪرڻ جي جتن ۾ مڪن آهي، اتي جديد دنيا بمقابلا سنڌ تي جڏهن نظر ٿي ڦيرائجي تہ پوءِ جتي اسين جن سائنسي ڪارنامن تي جيترو فخر ڪريون ٿا، هيڏانهن جي انڌير نگري تي اوترو ئي افسوس ۽ شرمندگي محسوس ٿي ٿئي!

هونئن تہ سنڌي ۾ هڪ چوٽي "سجو ملڪ ئي ماٽلي لڳو پيو آهي" وانگر اسان جي تعليم جو هٿرادو سجو پيڙو ئي غرق ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ بنيادي تعليمي سهولتن جي ڪوٽ، ڪابي ڪلچر، اعليٰ تعليمي ادارن اندر ڪوڙن ۽ بوگس ڊوميسائلن ذريعي ٻين صوبن جي شاگردن کي داخلائون ڏيئي سنڌي شاگردن کي پنتي ڏکڻ، ادارن اندر ڪريشن ۽ پنهنجا نوازي جي پرمار، مافيا سسٽم، تعليمي ادارن اندر نياڻين کي حراسان ڪرڻ، شاگردن جي ذهنن کي مڏو ڪرڻ، مذهبي انتها پسندي ۽ قتل عام سميت ڪيترائي هٿڪنڊا استعمال ڪري سنڌ جي تباه حال تعليمي صورتحال کي ويتر تباهي ڪناري پهچائڻ جي ڪوشش ڪري سنڌ جي بهراڙي جي اسڪولن کي بلڪل ختم ڪيو ويو آهي جنهن سبب نياڻين جي تعليم بنہ ختم ٿيندي پئي وڃي.

يونيسڪو جي رپورٽ مطابق: هن وقت پاڪستان ۾ اسڪول نہ وڃڻ وارن ٻارن جو تعداد دنيا ۾ ٻيو نمبر وڏو تعداد آهي. اندازي مطابق 5 کان 16 سالن جي عمر وارا 22.8 ملين ٻار اسڪول نٿا وڃن. جيڪي هن عمر جي ڪل آبادي جو 44 سيڪڙو نمائندگي ڪن ٿا. 5 کان 9 سالن جي عمر جي گروپ ۾ 5 ملين ٻار اسڪولن ۾ داخل نہ آهن ۽ پرائمري اسڪول جي عمر کان پوءِ (اسڪول کان ٻاهر ٻارن) جو تعداد ٻيڻو ٿي وڃي ٿو جن ۾ 11.4 ملين نوجوانن کي 10 کان 14 سال جي عمر جي وچ ۾ رسمي تعليم حاصل نہ آهي.

سنڌ ۾ 52 سيڪڙو غريب ٻارن جو (58 سيڪڙو چوڪرين) اسڪول کان ٻاهر آهن. جيڪڏهن اسان ڪليل اکين سان چوڪرين جي تعليمي صورتحال جو جائزو وٺنداسين تہ هيستائين اسانکي حڪومت طرفان نياڻين جي تعليم جي حوالي سان ڪنهن بہ قسم جي سنجيدگي جو مظاهرو نظر نہ ايندو. سنڌ اندر چوڪرين جي تعليمي صورتحال ڪهڙي آهي اهو هڪ تمام گهرو ۽ غور طلب موضوع آهي، جنهن تي اسانجي هر باشعور ۽ اهل علم ماڻهو کي ضرور لکڻ گهرجي. خاص ڪري گوٺن جي اندر نياڻين جي تعليم جي حوالي سان ڪيترا اسڪول موجود آهن؟ چوڪرين جي ڪيتري شرح آهي، جيڪا بنيادي تعليم پرائي ٿي ۽ ڪيترو سيڪڙو چوڪرين اعليٰ تعليم ٿائين پهچي سگهن ٿيون؟ ۽ ڪيترو سيڪڙو چوڪرين جي پهچ کان ئي اعليٰ تعليم پرائڻ پري آهي؟ اهي تمام سنجيدا سوال آهن، جن تي اسان مان هر هڪ کي سوچڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ اڄ جو دؤر جيڪو جديد علمن جو دور آهي، اڄ جو دور تيز رفتار، سائنسي ٽيڪنالاجي ۽ ايڊوانسڊ علمن جو دور آهي. پر ڏاڍي افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ اسين اڄ جي دور ۾ ٻ تاريخ جي انتهائي بدترين دور مان لنگهي رهيا آهيون. جتي هر طرف انڌ انڌوڪار لڳي پئي آهي، يا انڌوڪار پيدا ڪئي وئي آهي! سنڌ جي بهراڙين اندر اڄ بہ ڪيترائي اسڪول بند آهن ۽ ڪئي تہ اسڪول ئي ناهن جي ڪئي ڪوايڪڙ پيڪڙ زيون حال اسڪول آهي ٻ تہ اهو پرائمري تائين جنهن ۾ هڪ ڪلاس هڪ استاد وارو سسٽم موجود آهي، جنهن سبب سنڌ جا هزارين غريب ماڻٽ پنهنجي نياڻين کي پنجن ڪلاسن کان مٿي پڙهائڻ کان قاصر آهن. ڇو تہ سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري اسڪول گوٺن کان پري هجڻ ڪري هڪ پورهيت ماءُ پيءُ معاشي طرح بہ ۽ روايتي طرح بہ هڻي هڻي هٿ پير هڻي بہ جيڪڏهن پنهنجي ٻارن مان ڪنهن کي اڳتي پڙهائڻ جي جرئت ڪن ٿا تہ پوءِ اهي چوڪرين جي پيٽ ۾ چوڪرن کي اوليت ڏين ٿا، جنهن سبب ڪيترين ئي هونهار پر لاچار سنڌ جون نياڻيون پنهنجي اڳيان پڙهڻ واري خواهش کي ڏاڍي ڪرب ۽ بيوسي مان پنهنجي اندر ۾ جيئري ئي دفنائي ڇڏين ٿيون.

ورلڊ بينڪ جي رپورٽ مطابق: "پاڪستان ۾ اسڪول نہ وڃڻ وارن ٻارڙن ۽ ٻارڙين جو ڪل تعداد تقريبن 20.3 کان 22.1 ملين تائين آهي. تعليمي حوالي سان چوڪرين چوڪرن جي پيٽ ۾ تمام پنتي آهن. پاڪستان ۾ اسڪول نہ وڃڻ واري آبادي جو زياده تر حصو چوڪرين جو آهي جن ۾ تقريبن هڪ ڪروڙ ويہ لک چوڪرين اسڪول کان ٻاهر آهن، ۽ موجوده تعليمي رفتار مطابق پاڪستان ۾ وڌيڪ 50 سالن لڳندا سيني چوڪرين کي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ."

تعليمي بجيٽ جي حوالي سان پاڪستان ڏکڻ ايشيا جي ملڪن ۾ سڀ کان پلٽي آهي. تعليمي بجيٽ جنهن ۾ ضرورت تحت وقت سان گڏ اضافو ٿيڻ ڪيندو هو پر هتي اهو وقت سان گڏ گهٽجندو وڃي ٿو. جنهن جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ 2013 ۾ تعليم لاءِ مخصوص ڪيل رقم جي ڊي پي اي جو 2.1 سيڪڙو هئي، 2014_2015 ۾ 2.2 سيڪڙو، 2015_2016 ۾ 2.3 سيڪڙو، 2017_2018 ۾ گهٽجي 2.2 سيڪڙو، 2019_2020 ۾ 2.4 سيڪڙو، 2022_2023 اها صفا گهٽجي ٿوٽل جي ڊي پي اي جو 1.7 سيڪڙو ٿي وئي. (ورلڊ بينڪ مطابق 2.3 سيڪڙو).

حڪومت جي اها خاص ذميواري آهي تہ هرفرد کي مفت ۽ بنيادي تعليم مهيا ڪري پر مٿين انگن اکرن کي مدي نظر رکندي ڪنهن ٻ حوالي سان نٿو لڳي تہ ڪو حڪومت کي هن جديد دور ۾ تعليم جي حوالي سان ڪا تڪي برابر بہ ڳڻتي آهي، سنڌ اندر پيپلزپارٽيءَ جي گذريل پندرهن سالن جي حڪومت دوران بہ سنڌ اندر خاص ڪري گوٺن ۾ چوڪرين جي تعليم لاءِ ڪي بہ ضروري اپاءَ نہ ورتا ويا جنهن سبب تعليمي صورتحال ڏينهن ڏينهن بد کان بدتر ٿيندي پئي وڃي ۽ اڄ بہ لکين چوڪرين تعليم جهڙي بنيادي هٿيار کان محروم آهن. گوٺن اندر چوڪرين جي تعليم تہ پرائي سگهڻ ۽ ٻين سبين جهڙوڪ معاشي، سياسي، سماجي، ۽ روايتي ثقافتي سببن سان گڏ ۽ انهن کان بہ هڪ تمام اهم سبب گوٺن اندر چوڪرين جي اسڪولن جي انتهائي ڪوٽ آهي.

تعليم هر انسان جو بنيادي حق آهي پر اسانجي آبادي جو وڏو حصو يعنيٰ چوڪرين جيڪڏهن اڄ جي سخت مقابلي واري ۽ علمي دور ۾ ان بنيادي حق کان محروم هونديون تہ اسين ڪڏهن بہ اڳتي وڌي نہ سگهنداسين.

ڪتاب ۽ قلم مٿان دسترس هجي،
هوشيار پنهنجا ٻار ٻٽايون بچي ٻئون!
(استاد بخاري)

بڻايا ✻✻✻ 01

سان تعزيتون، اڳوڻو وڏو وزير سنڌ سيد مراد علي شاه ، اڳوڻو صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاه ۽ ٻيا معززين مهمان ڳوٺ سردار آدم خان پنهور پهچي اڳوڻي ايم پي اي سردارزاده اورنگزيب خان پنهور سردار چنگيز خان پنهور ۽ سردارزاده تيمور خان پنهور سردارزاده سليمان خان پنهور سان سندس والد سردار منظور علي خان پنهور جي وفات تي سائس تعزيت ڪئي. ٻ پ پ چيئرمين بلاول پٽو زرداري ڪرائي هائوس جيڪب آباد پهچي اڳوڻي صوبائي صلاحڪار مير اعجاز حسين جڪراڻي جي چاچي ۽ اڳوڻي ايم پي اي مير ممتاز حسين جڪراڻي جي امڙ جي وفات تي تعزيت ڪئي. بلاول پٽو زرداري اڳوڻي ايم پي اي محمد اسلم ابڙو سان سندس پاءُ محمد اڪرم ابڙو جڏهن ڏ پائٽي شهرياڻ ابڙو لاءِ فاتحہ ڪئي. مختلف تعزيتن دوران سائس اڳوڻو صوبائي صلاڪار مير اعجاز خان جڪراڻي ، سردار ذوالفقار خان سرڪي ، اڳوڻو ايم پي اي ڊاڪٽر سهراب خان سرڪي ، پاڪستان پيپلز پارٽي بلوچستان صوبائي صدر مير چنگيز خان جمالي ، اڳوڻو وفاقي وزير مير عابد خان پيو ، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل شڪارپور چيئرمين سردار ذوالفقار خان ڪمارير ، سردار عبدالنبي خان ٺهير ، سردار ڊاڪٽر محمد اقبال ڪٽر ، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل چيئرمين جيڪب آباد مير طاهر خان ڪوسو ، ڊاڪٽر عبدالخالق ڪوسو ، پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع جيڪب آباد سينيٽر نائب صدر مير محسن خان سرڪي ، مير فهد خان پنهور مير ثناءاللہ خان پنهور ، چيف مقدم عبدالهادي بخش لاشاري ، مير امان الله خان پناڻ ، ۽ ٻيا معززين موجود هئا. ميڊيا سان گڏ ٻولہ ڪندي ٻ پ چيئرمين بلاول پٽو زرداري جو چوڻ هو تہ ملڪ ۾ تمام مهانگائي آهي ماڻهو غربت سبب پريشاني رهيا آهن جڏهن تہ ملڪ جي مسئلن جو حل اليڪشن آهي هن چيو تہ ملڪ جون جمهوري تنظيمون ملڪ ۾ تمام جلد شفاف اليڪشن چاهين ٿيون ڇو تہ عوام جا منتخب نمائندا اسمبلي ۾ پهچندا : عوامي مسئلن جو آواز گونجندو هن هڪ سال دوران چيو جڏهن شهيد بينظير ڀٽو 18 آڪٽوبر تي وطن موٽي هئي لڪين ڪارڪنن توڙي عوام پرپور استقبال ڪيو هو نواز شريف جو ڏيڻ اچڻ سلو سنوڻ سمجهون ٿا ن ليگ ڪارڪن کي گهرجي تہ پنهنجي قائد جو پرپور استقبال ڪن. پيپلز پارٽي اقتدار ۾ پهچي ملڪي مسئلا حل ڪندي.

بڻايا ✻✻✻ 02

ويا آهن جتي انهن جون روڊن ۽ گهٽين ۽ اسرائيلي فوجين سان ڇڪرين ٿي رهيون آهن. حماس حملن جي ذميواري قبول ڪندي چيو آهي تہ اسرائيل تي 7 هزار راڪيٽ فائر ڪيا ويا آهن. فلسطيني راڪيٽ حملن ۾ اسرائيل جي شهر اشڪيلون ۾ ڪيترين ئي عمارتن ڪي ٻاهہ لڳي وئي آهي. جڏهن تہ حملن دوران ويڙهاڪن اسرائيلي فوج جي ٽينڪن تي قبضو ڪري ڪمانڊر سميت ڪيترن ئي فوجين کي يرغمال بڻائي وريو آهي. ٻئي طرف اسرائيل پاران ٻ غزه تي جوابي حملا شروع ڪيا ويا آهن. اسرائيلي ميڊيا موجب غزه ۾ حماس جي ٺڪاڻن تي تارگيٽيڊ حملا ڪيا پيا وڃن. سچي اسرائيل ۾ هنگامي حالتن جو اعلان ڪيو ويو آهي. اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو چيو آهي تہ اسان جنگ جي حالت ۾ آهيون. اسرائيل جارحيت خلاف ڪامياب ويڙهاڻيندو. پئي طرف فلسطيني صدر محمود عباس چيو آهي تہ اسرائيل ۽ ان جي جارحيت خلاف دفاع ڪرڻ اسان جو حق آهي. حماس طرفان ڪيل راڪيٽ حملن ۾ اسرائيل کي گهڻو نقصان برداشت ڪرڻو پيو آهي. سندس ڪيترن ئي علائقن ۾ بلدنگون تباه ٿي ويون آهن جڏهن تہ ڪيترين ئي گاڏيون سڙي خاڪ ٿي ويون آهن.

بڻايا ✻✻✻ 03

تي ڇاپا مار ڪارروائي دوران ڪرنسي جي غيرقانوني ايڪسچينج ۽ ملوٽ 2 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جيڪو ٻنا لائسنس جي مني چينجر جو ڪاروبار ڪري رهيو هو. جوابدارن کي پشاور جي علائقي صدر بازار مان گرفتار ڪيو ويو جوابدارن کان 40 هزار ڊالر هٿ ڪيا ويا آهن جوابدار هٿ آيل ڪرنسي جي حوالي سان اختيارين کي مطمئن نہ ڪري سگهيا. جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇاج شروع ڪئي وئي آهي.

بڻايا ✻✻✻ 04

اپيل ڪندي چيو ويو آهي تہ سموريا ملڪ افغان شهرين جي طاقت جي زور تي راڄسي جو عمل روڪين. انٽرنيشنل آرگنائزيشن فار مائيگريشن پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي تہ پاڪستان مان جن ماڻهن کي زبردستي ڏني پئي وڃي انهن لاءِ خطرا پيدا ٿي سگهن ٿا. عالمي ادارو خطري جي رڙهيل افغانين جي رجسٽريشن ۽ قيام ۾ پاڪستان جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهي. گذيل قومن طرفان وڌيڪ چيو ويو آهي تہ اسان افغان پناهگيرن جي سڃاڻپ، رجسٽريشن جي عمل ۾ پاڪستان سان تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهيون اهڙن ماڻهن سان تعاون لاءِ تيار آهيون جنهن کي عالمي مدد جي ضرورت آهي. گذيل قومن موجب جن افغانين ملڪ ۾ تحفظ گهريو آهي انهن کي زبردستي واپس اماڻيو ويو تہ اهو انهن لاءِ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو.

بڻايا ✻✻✻ 05

۽ فلسطين وچ ۾ چڪناڻ ۾ واڌ تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو آهي. پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان موجب اسان وچ اوڀر ۾ اپرندڙ صورتحال تي گهري نظر رکيو پيا اچون. اسرائيل ۽ فلسطين وچ ۾ وڌندڙ

بقايا سنڌيار 01

تشدد ذريعي 3 ڏنڌ پڇي ڳچي ۾ رسو وجهي گهليندي قتل ڪري ڦٽي ڪرن واري واقعي جو اڃا تائين ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي پوليس هڪ جوابدار کي شڪ ۾ حراست ۾ رکڻ کانپوءِ گم ڪري ڇڏيو جنهن سبب ڪاب گرفتاري ظاهر نه ٿي سگهي پوليس طرفان مختلف جانچ ڪميٽيون پڻ ڪريو پوءِ نه ٿي ساري سگهيون جنهن سبب علاقي ۾ سخت بي چيني ڦهليل آهي جڏهن ته وارڻن جي گهرن ۾ ڪهرام مٿل آهي پوليس موجب سمورين رپورٽون ڪرائي ليبارٽري موڪليون آهن مختلف رخن کان جانچ هلندڙ آهي جلد بهتر نتيجو نڪرندو

بقايا سنڌيار 02

نه مون پنهنجي پاءُ ارباب سان 10 سال اڳ مٽي مائٽي ڪئي هئي ان تائيم منهنجو پاءُ پنهنجي پٽ جي شادي منهنجي نياڻي سان ڪرائي ويو هاڻي منهنجو پاءُ فوت ٿي چڪو آهي جڏهن مان پنهنجي پائٽين ڏي ويس ته هاڻي چوڪرو چوڪري جوان ٿي ويا آهن پٽ جي شادي ڪيان ٿي تنهن تي منهنجا پائٽيا ڏمرجي پيا چوڪري ڏيڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو جنهن ۾ امتيازمتازنعيم بشير ڪلهوڙو ويٺل عباسي ٽائون نوشهرو فيروز مونکي ۽ منهنجي پٽ جي جان جا ويري بڻجي چڪا آهن چون ٿا جيڪڏهن توهان اسان کان سنگ گهريو نه توهان کي ماري چڏينداسين وڌيڪ مسمات لطيفا ٻڌايو نه رات منهنجي پٽ کي جيڪا چوڪري ڏنل آهي ان جي شادي ڪرائي رهيا آهن فورن ايس ايس پي نوشهرو فيروز ايس ايچ او نوشهرو فيروز ۽ پين وس وارن کي اپيل آهي هن معاملي جو نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪيو وڃي جيڪڏهن مونکي ۽ منهنجي پٽن کي ڪجهه به ٿيو نه ان جا ذميوار مٿيان ماڻهو هوندا

بقايا سنڌيار 03

کي پوپان کان زوردار ٽڪر هڻڻ جي نتيجي ۾ 30 ورهين جو اصغر علي ڪوسو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي تعلقا اسپتال مانجهند آندو ويو جتي سندس حالت گهڻيءَ جوڳي هئڻ سبب ڪيس سول اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو پئي ويو ته رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو جنهن اطلاع ٿي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته ڊرائيور ڪار سميت فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو مانجهند پوليس ڪيس سميت ڪاب ڪاروائي نه ڪري سگهي فوتي جي مؤه کي مانجهند پرسان مقامي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 04

سڌارڪ علي نواز سولنگي ڪئي ان موقعي تي ڪشب انچارج غلام اڪبر ناريجو، ڊاڪٽر نور حسين مورو ۽ پين چيو ته هن ڪشب ۾ حصو وٺندڙن جي همت کي سلام پيش ڪريون ٿا جيڪي انسان ذات جي پلاڻيءَ لاءِ رت جو عطيو ڏئي رهيا آهن، هن نفسانفسيءَ جي دور ۾ همدرديءَ جو جذبو ڏيکارڻ گهڻجي رهيو آهي پرخير نه ٿيو آهي آڳواڻ چيو ته جيڪڏهن اسان جا مائٽ سڄاڻ ٿي پنهنجي مائٽن جي سماجي خدمتون ڪرن لاءِ اڳتي وڌن ته اسان پنهنجون خدمتون ڪين اريينداسين، آڳواڻ وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن ايمرجنسيءَ ۾ ڪنهن به رت گهرجي ته فوري طور سول اسپتال نوشهروفيروز ۽ قائم بلڊ بينڪ سان رابطو ڪن، ڪين ڪنهن به قسم جي پريشاني نه ٿيندي.

بقايا سنڌيار 05

ازادي جو فيصلو ڪيو ويندو، پئي طرف سول اسپتال مڪلي جي ٻاهران اميد علي جوڪيو جي موٽر سائيڪل ڪي نامعلوم چور چوري ڪري ويا، مڪلي ٿاني تي رپورٽ درج ڪرائڻ باوجود پوليس ڪاب ڪاروائي عمل ۾ آڻي ناهي سگهي ۽ نه ئي سوين چوري ٿي ويل موٽر سائيڪلون پوليس واپس ڪرائي سگهي آهي ۽ نه ئي ڪو پوليس ڪو ڏوهاري گرفتار ڪري سگهي آهي.

بقايا سنڌيار 06

جسماني تشدد ۽ ٻارن کان جبري پورهيو ڪرائيندڙ عناصرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، هن چير جلد سجاول ضلعي ۾ غيرقانوني رهندڙ افغاني پناڻن ۽ پين ڏوهي ماڻهن خلاف سخت آپريشن ڪيو ويندو. سجاول ضلعي ۾ امن امان جي بڳڙجندڙ صورتحال تي ڳالهائيندي هن چيو ته بدامني جي واردات کي پنجو ڏيڻ لاءِ سجاول پوليس هنگامي بنيادن تي قدم کڻي رهي آهي، ڏوهارين جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروائي جاري رکي ويندي، هن وڌيڪ چيو ته ڳوٺ رٽا سومرو جي نوجوانن پنهنجي مدد پاڻ تحت 90 سيڪڙو منشيات تي ڪنٽرول ڪيو آهي، ڪين سجاول پوليس ڪان مڪمل سپورٽ ملندي، ان ڪان اڳ واپاري ايسوسيشن جي صدر نظير احمد سومرو، رشيد آزاد سومرو، ڏائود سومرو، ڪامريڊ عزيز سومرو، پريس ڪلب ڏڙو جي صدر اعجاز اختر ميمڻ، ڏاڏا آدم پليجو، ضلع ڪائونسل جي ميمبر عزيز سومرو، چٺرمين خانپور رياض سومرو، ايڊووڪيٽ لطيف سومرو، عبدالڪريم سومرو، حافظ اعجاز سومرو، ڪامريڊ غلام مصطفي سومرو، محبت سومرو، ڪامريڊ شوڪت سومرو، خليفو محمد بخش سومرو، عثمان سومرو ۽ پين مختلف مسئلا پيش ڪيا. جڏهن ته نوجوان اتحاد جي آڳواڻن طرفان ايس ايس پي شهلا قريشي کي لنگهين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا. پارڙي بينظير صالح سومرو ايس پي کي گلن جو گلدستو پيش ڪيو، رشيد آزاد ڪتاب گفت ڪيو

بقايا سنڌيار 07

جي مختلف يونين ڪائونسلز جنهن ۾ سلطانپور، ڊرب، جوٽاس ،نارو همٽر ،مبارڪپور سميت پين يوسين ۾ روڊ رستن لاءِ آيل اسڪيمون ڪريشن جي ۽ چڙهي ويون، روڊ رستن جي بحالي لاءِ آيل ڪروڙين روپيا حصو پتي ٿي ويا. ضلعي سڪر ۾ ٻاهر ٽيڪيدار تسير شا حوالي ٿيل ڪروڙين روپين جا ٽيڪا ڪميشن عيوض نندن ٽيڪيدارن جي حوالي ڪيا ويا هتا جيڪي ٽيڪيدار مختلف روڊن تي مٽي، پٿر اڇلائي ڪم آڌ ۾ ڇڏي ڇپي ويا ته واپس ناهن موٽيا، روڊن جنهن ۾ ڳوٺ والر انڊيڪ، ڳوٺ ولي محمد آرائين، امين مهر ،پانڌي مهر ،خيرو انڊيڪ، مصري انڊيڪ ،جلال ڳوٺ ،وزير ملاڻو سميت ڪيترن ڳوٺن ڏانهن ويندڙ لنڪ روڊن جو ڪم آڌ ۾ پيل آهي جنهن جي ڪري علاقي واسين کي آمدورفت ۾ سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻ پوي ٿو پئي طرف اهو به معلوم ٿيو ته اهي ڪم نسيم شاه کي جاري ڪيا ويا جنهن ڪميشن عيوض نندن ٽيڪيدارن کي ڏنا بعد ۾ انهن ٽيڪيدارن انجنيئر، ايس ڊي او سميت هيلين عملي کي چانه پاڻي ڏيڻ کانپوءِ اهو ڪم ڪاغذي ڪارروائي ۾ مڪمل ڄاڻائي لڪين روپيا هڙپ ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته مٽي ڄاڻايل روڊن جو ڪم آڌ ۾ رهيل آهي هتان جي علاقي واسين اينٽي ڪرپشن ۽ نيب سکر کان مطالبو ڪيو ته مٽي ڄاڻايل روڊن جي ڪم جو جائزو وٺي ان تي ٽيندڙ لڪين رهين جي ڪرپشن ڪندڙ خلاف ڪارروائي ڪري رهيل ڪم مڪمل ڪرائي ڏنو وڃي نه ته پئي صورت ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 08

ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ثمر حيدر جتوئي ولايت حسين نوناري اجاز شر ۽ محمد نواز جتوئي ۽ پين جي اڳواڻيءَ ۾ نڪتي، ريلي کي خطاب ڪندي ثمر حيدر جتوئي چيو ته، حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب ملڪ 75 سالن کان معاشي پاليسي سبب اڄ عوام ڳاڻي ٽوڙ مهانگائي کي منهن ڏئي رهي آهي، جاگيردارن سرمائيدارن ۽ ڪرپشن ڪندڙ حڪمرانن جي دولت کي ٽيڪس جي دائري ۾ آڻڻ بجاءِ حڪمران طبقو اڃا ٽيڪس لاڳو ڪري عوام تي مهانگائي جا بم ڪيٽرائي رهيو آهي ته پئي پاسي عوام دشمن قبائلي جاگيرداري ۽ پيرائو سرشتو آهي، جنهن کي حڪمران طبقو پنهنجي مفادن خاطر قائم رکيو آهي، قبائلي سرشتي جي ڪري پورهيت ۽ مڊل ڪلاس جا مائٽ اڻرسڻ ۾ بدامني جي باهه ۾ سڙي رهيا آهن، اجمل ساوند کان جان محمد مهر، اصغر ڪنڊ، فاطمه قرڙو، افضل لنڊ ۽ پريا ڪماري ان ظلم جو شڪار ٿيندا رهيا آهن. سنڌ هاري ڪميٽيجي صدر وڏيڪ چيو ته تڪراري آدم شماري کي منظور ڪرڻ جو مقصد سنڌ جي آبادي کي گهٽ ڏيکارڻ ۽ سنڌ اندر اصلوڪي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ آهي پهريان ٿي سنڌ جي ڊيموگرافي ٻاهرين آبادي ڪاري جي ڪري تيزي سان تبديل ٿي رهي آهي. آخر ۾ ثمر حيدر جتوئي چيو ته، عوام دوست معاشي پاليسي کي لاڳو ڪيو وڃي جنهن ۾ سرمائيدارن، جاگيردارن، ڪرپٽ حڪمرانن جي ملڪيت کي ٽيڪس لاڳو ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي، زرعي سڌارا آڻي سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون جاگيردارن ۽ وڏيرن کان ليزون ڪينسل ڪري مقامي هارين، هاريائين ۽ پورهيتن ۽ ورهايون وڃن ته جيئن معاشي خوشحالي اچي سگهي ۽ صنعتڪاري لاءِ اُپاءَ ورتا وڃن. ڪيرٿر ۽ ڪارونجهر جو مڪمل تحفظ ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 09

شهر ۾ حضرت شيخ المشائخ مخدوم سنڌو قريشي جو سالياني عرس مبارڪ پير آف لواري شريف حضرت قبلا پير محمد صادق قريشي نقشبندي جن جي سرپرستي هيٺ نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو، درگاهه مخدوم سنڌو قريشي جي عرس مبارڪ سيد نور محمد شاه سيتائي جي نڪراني ۾ منعقد ڪيو ويو قرآن خواني ڪرائي وئي جنهن بعد عرس جي تقريب جو آغاز ڪيو ويو، عرس جي تقريب ۾ جماعت لواري شريف جي مريدن، عقيدتمندن ۽ ڳوٺ وارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب کي مولانا محمد ابراهيم خليلي خطيب درگاهه شهيد مخدوم بلاول ڪيرهن پروگرام ۾ درگاهه فضل الاهي پات شريف جي سجاده نشين مخدوم اظهار الحق صديقي، پير آف لواري شريف جي مئنيجر سرائي الهرڪيو جتوئي، پروفيسر سائين بخش جوڻيجو قبولاڻي، ڊاڪٽر ايم ايس منگي، غلام نبي ڪيريو، قادر بخش بڳتي، سميع الله جوڻيجو شرڪت ٿيا ۽ تقريب کي خطاب ڪندي عالمن چوڻ هو ته مخدوم سنڌو قريشي حضرت سلطان الاولياءِ خواجه محمد زمان قدس سره جن جي خليفي اعظم حضرت قاضي احمد دمائي رح جن جا جدامجد آهن. سنڌن ڪيترين ئي ڪرامتون مشهور آهن. هنن چيو ته درگاهه لواري شريف برصغير ۾ نقشبندي سلسلي جي وڏي درگاهه آهي.

بقايا سنڌيار 10

صادق لاکو چيو ته هر باضمير ۽ سچاڳ انسان زندگيءَ جي هر لمحي ۽ پهر ۾ پنهنجي اُستاد جو مقروض هجي ٿو ،اسان اُستاد کي عزت ۽ مان ڏئي دراصل پنهنجو پاڻ کي عزتدار بنائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون ،هن ڀٽي ڪمشنر لٽو ۽ ضلعي جي تعليمي عملدارن کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته مڪليءَ جي هن قديمي ۽ بهترين اسڪول ڏي مڪمل توجه ڏئي هن جا مسئلا حل ڪيا وڃن،ان موقعي تي اسڪول جي هيڊماسٽر استاد يار محمد عباسيءَ چيو ته اسان سنڌ ڪلجرل فورم جي سائين جا مشڪور آهيون جن اُستادن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان اڄ اسان جي اسڪول ۾اچي ڪري اسان کي اهو احساس ڏياريو ته اڄان ڪي اهڙا اُنسان به موجود آهن جيڪي اُستادن جي ٻولهه محبت ڪن ٿا پر ڏڪ اهو آهي ته هن اسڪول مان ڪيترائي اهڙا شاگرد به پڙهي ويا آهن جيڪي اعلي عهدن توڙي منصبن تي پهتا آهن پر انهن کي پنهنجي استاد کي ڏيڻ لاءِ هڪ گلاب جو گل به ناهي جس هجي سنڌ ڪلجرل فورم ۽ پين آرگنائيزيشن جي اڳواڻن کي جن اسان کي اسان جي عالمي ڏينهن تي ياد ڪيو، سنڌ ڪلجرل فورم ضلع ڏنڌي جي اڳواڻ محرم علي پنهور چيو ته اُستادن اُسان کي زمين تان کڻي عرش تائين پهچائي ٿو ان جي عزت ماءُ پيءُ جيان فرض آهي هن چيوته سرڪاري اسڪولن جي حالت تمام گهڻي خراب آهي اتي فرنيچر ،اسٽاف ۽ نصابي ڪتابن جي ڪابه سهوليت موجود ناهي پوءِ به اُستادن جي اڪثريت پوري ايمانداريءَ سان پڙهائي رهي آهي جن کي اسان سلام پيش ڪيون ٿا ،ان موقعي تي پين کان علاوه لطيف جي پارکو اُستاد نور محمد سومرو ،نوجوان اُستاد معشوق علي جماري، ممتاز علي پليجو پنهنجي ويچارن ۾ ، سنڌ ڪلجرل فورم جي دوستن جي اُستادن کي مان ڏيڻ واري عمل کي ساراهيندي ڪين جس ڏني،ان موقعي تي اُستاد سيد صغير شاه ،امير احمد پليجو،اسدالله پليجو ،غلام نبي ناريجو،عبدالوارث جوڪيو،نبيل احمد پليجو پڻ موجود هئا ان موقعي تي اسڪول ۾ پڙهندڙ مختلف ڪلاسن جي شاگردن لطيف صادق ،عبدالقدير پنهور ،محمد صالح لاکو،عبدالقدوس پنهور پڻ پنهنجي پنهنجي اُستادن کي گلدستا پيش ڪري سنڌن عظمت کي سلام پيش ڪيو.

بقايا سنڌيار 11

منگي، خليفي مير محمد عباسي ڪئي، ان موقعي تي ممتاز مذهبي اسڪالر مفتي جنيد احمد راجپر ظاهري خطاب ڪندي چيو ته محبت ۽ عشق مصطفي صلي الله عليه وآله وسلم اسان جي مسئلن جي حل لاءِ اڪسير دوا آهي، اسان خوش قسمت آهيون جو الله تعاليٰ اسان کي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جي امت بنايو ۽ اڄ جي ڪامل ولي خواجه محمد طاهر المعروف سجڻ سائين جن نسبت عطا ڪئي، حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي هڪ ادا الله رب العزت کي محبوب آهي، محبوب سجن سائين غريب نواز آهن ڏينهن رات روحاني محنت ڪري مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم کان رحمتون ۽ برڪتون حاصل ڪن ٿا ۽ جڏهن اسان صحبت ۾ وڃون ٿا ته نور مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم سان ديلون نوازي ڇڏن ٿا،خوبيون محسوس ڪريون ٿا، اسلام تي عمل ڪرڻ ۾ مزو اچي ٿو ۽ گناهن کان نفرت ٿي وڃي ٿي، هن موقعي تي خوان فقير مدهوش ظاهري، عمير قادري منفرد انداز ۾ ثناءِ خواني ڪئي، مدرسه انوار طاهريه جي طلبه کي دستار ۽ طالبات کي چادرون ڏنيون ويون، هن موقعي تي حافظ محمد عمر ظاهري، مولانا عبيدالله ،علي نواز لکهن، حامد علي ميمڻ تاج محمد لکن ۽ پين شرڪت ڪئي، آخر ۾ لنگر جو پڻ انتظام ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 12

خراج پيش ڪيو ويو سالگراه تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ هاري ڪاميٽي اڳواڻ ايڊووڪيٽ احمدنواز انقلابي،ڪامريڊ وهاب پنڌراڻي،ڪامريڊ سارنگ جام ،عبداش پنهور،ايڊووڪيٽ اصغر علي ابڙو پين چيو ته بابا سنڌ حيدربخش جتوئي سنڌ جي تاريخ جو اهم باب آهي جنهن تي سنڌي قوم کي فخر آهي بابا، سنڌ حيدربخش جتوئي سنڌي قوم کي حقيقي معني ۾ قوم جو تصور ڏنو بابا، سنڌ حيدربخش جتوئي جي جدوجهد پنهنجي وطن لاءِ ۽ پورهيتن مسڪين مزدورن هارين لاءِ هئي بابا، سنڌ حيدربخش جتوئي پورهيت مزدورن جو درد سمجهندي پنهنجي ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي کي ڇڏي عوامي جدوجهد ڪئي اڄ ملڪ اندر غريب جو جيئڻ مشڪل ٿي ويو آهي مهنگائي پورهيتن کي تباه ڪري ڇڏيو آهي سنڌ جي اندر لاءِ ان آبر جي صورتحال انتهائي خراب آهي ڪو به ماڻهو پاڻ کي محفوظ نٿو سمجهي سنيئر صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار ناهن ٿا سڪرند واقعي جي انڪوائري نه پئي ٿئي سڪرند ۾ قيامت برپا ڪئي ويئي انسانيت سوز واقعو هو جنهن سمورو گهر تباه ڪري ڇڏيو راڻي ۾ قتل ٿيل معصوم فاطمه قرڙو جي خون سان انصاف ناهي ٿي سگهيو پير مير قانون گرفت کان پري آهن سنڌ جي زمينن تي ڏارين کي آباد ڪري ڏارين کي قابض ڪيو پيو وڃي لڪين ايڪڙ زمين نيلام ڪئي پئي وڃي سنڌ جا مائٽ بحريا ٽائون،گرين سٽي ذوالفقار آباد سميت پين منصوبن کي رد ڪري چڪو آهي سنڌ مان سمورن ڏارين جي نيڪالي جو مطالبو ڪيون ٿا فوري طور آيل سمورن ڏارين کي واپس موڪليو وڃي سنڌ وسيلن تي قبضا ٿي رهيا آهن ڪارونجهر جي ڪٽائي ٿئي پئي ٿرجو ڪوئلو ڪڍيو پيو وڃي سنڌ جي مائٽن کي سڄاڳ ٿي ايندڙ اليڪشن ۾ وڏيرن پيرن ميرن جي ووٽ جي ذريعي رستا روڪ ڪن ووٽ حقيقي نمائندن کي ڏين ۽ وڏيرڪي پوتارڪي نظام خلاف متحد ٿي جدوجهد ڪرٿي پوندي سالگراه تقريب ۾ گلوڪار انور سولنگي قومي گيت پيش ڪيا جڏهن ته ڪامريڊ وهاب پنڌراڻي،ڪامريڊ سارنگ جام ،عبداش پنهور سنڌ هاري ڪاميٽي اڳواڻ ايڊووڪيٽ علي اصغر ابڙو،منور راهمون،جونيئر مظهر جتوئي،وڪيل امان الله شر،وڪيل عجب گل ڪوسو،امجد علي بليدي،سرفراز خاصخيلي،محسن علي مغل،لياقت ابڙو،يونس راجڙ،شاهنواز جتوئي مزمل خاصخيلي،شمشير عباسي پيا شامل هئا.

بقايا سنڌيار 13

ويندو، 55 ڏينهن گذرڻ باوجود قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا آهن: افضل بٽ، ارشد انصاري، لالا اسد پٺاڻ،پي ايف يو جي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس چيو آهي ته ڪاوش/ڪي ٽي اين ڪي جي بيورو چيف ۽ سڪر پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر شهيد جان محمد مهر جي قاتلن

بقايا سنڌيار 14

چانڊيو عوامي پريس ڪلب پهچي صحافين جي اڳيان دانهنڊي چيو آهي ته ڪجه مهينا اڳ ڪاشف نالي همراه سائس زيادتي ڪئي ۽ زيادتي جي وڊيو پري مونکي مسلسل بليڪ ميل ڪري رهيو هو سندس بليڪ ميلنگ ۾ نه اچڻ جي ڪري هن منهنجي وڊيو وائرل ڪري ڇڏي آهي جنهن جي ڪري هن جي زندگي زهر ٿي ويئي آهي هن چيوته هن ڪيئي ڀرپليس کي واقعي کان آگاهي ڏني آهي پر هنن ڪيس داخل نه ڪيو آهي نه وري جوابدار جي خلاف ڪا ڪاروائي ڪئي آهي هن ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي کان مطالبو ڪيو ته سائس ڪيل زيادتي جي جوابدار کي گرفتاري ڪري ڪيس انصاف ۽ تحفظ ڏياريو وڃي

بقايا سنڌيار 15

جو فيصلو ڪري رٽو جمع جي ڏينهن ڪڙيو گهنور لڳ گوٺ يوسف چانڊ ۾ پنهنجي رهائش گاهه تي ضلعي تنڍي محمدخان ۽ بدين ۾ رهندڙ چانڊ برادري جي گوٺن جي چڱن مڙسن جو اجلاس سڏايو جتي سيني جي راءِ وٺڻ بعد فيصلو ڪيو ويو پيپلزپارٽي ايندڙ اليڪشن اسانکي ٽڪيت نه ڏني ته بدين مان قومي ۽ صوبائي سيٽن تي آزاد اميدوار طور اليڪشن وڙهڻ جو فيصلو ڪيو ويو صحافين سان ڳالهائيندي ڪمال خان چيو هن وقت پيپلزپارٽي تي سڌو وقت آهي پر جڏهن ڏکيا وقت هئا سڀ هٽ ڪڍي ويا آڪون بيئل رهيس مونکي هر طرح سان نظر انداز ڪيو ويو آهي. منهنجي برادري جو وڏو ووٽ هجڻ باوجود مونکي چيو ويو تنهنجي چانڊ برادري ب پ کي ووٽ ناهي ڏنو سڀ برداشت ڪيو مسلسل نظرانداز ڪيو ويو برادري همدردن ۽ دوستن جي راءِ سان آزاد حيثيت ۾ الڪيشن ڪندس

بقايا سنڌيار 16

ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران پرامن احتجاج جو اعلان ڪيو ويو آهي رابطي ڪرڻ تي مغوي نوجوان جي وارثن گلبهار ملڪ اعجاز ملڪ ۽ عبدالنبي ملڪ محمد صديق ملڪ رپورٽر کي ٻڌايو ته ايس ايس پي ڪشمور جي ڏنل سڪڻن دلاسن مان سخت مايوس ٿي ويا آهيون. مجبورن معاملي کي اعليٰ اختيارن تائين پهچائڻ لاءِ ڪراچي جو رخ ڪيو آهي. اسانجي گهرن ۾ ڪهرام مٽل آهي. اسان ڪشمور پوليس جي ڪارڪردگي مان سخت مايوس هئون چيو ته جيستائين اسانجو مغوي نوجوان بازياب نه ٿيندو اسان جو احتجاج جاري رهندو.

بقايا سنڌيار 17

واسين پاران دوائن فرنيچر، ايمبولينس، جنريٽر سميت پين بنيادي سهولتن جي ڪوٽ بابت شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا. سلطانپور پريس ڪلب ٽيم پهچن تي اسپتال عملي ۾ ٽرٽلو،عوامي شڪايتن تي اسپتال ۾ سهولتن جي ڪوٽ بابت موقف پڇڻ تي ڊي ايچ او ڊاڪٽر نظير قل ٻڌايو ته اسپتال ۾ غير حاضر رهندڙ عملي خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي،دوائن جي ڪوٽ جو پورائو ڪيو ويندو ۽ اسپتال ۾ ڊليوري ڪيسن جي لاءِ ليڊي ڊاڪٽريائين جي 24 ڪلاڪ مقرري لاءِ علاقتي واسين جي تعاون ۽ سهڪار جي ضرورت آهي هن چيو ته اسپتال جو نظام بهتر ڪرڻ لاءِ هلندڙ ميڊيا جي خبرن تي نوٽيس پڻ ورتو آهي جنهن ذريعي ڄاڻ ملي ته هن اسپتال ۾ عملو ڊيوٽي نه پيئر ڪري مان پريس ڪلب سلطانپور جي صحافي دوستن جو ٿوراتو آهيان جنهن هن اشو کي هاءَ لائيٽ ڪيو، انشاءِ الله ميڊيا جي ساٿ ۽ علاقتي واسين جي سهڪار سان جوڻاس اسپتال ۾ سموريون سهولتون ميسر ڪرايون ويندين هن وڌيڪ چيو ته بحيث جي ڪوٽ ۽ وسائل گهٽ هجڻ ڪري اسپتال کي مڪمل سهولتون نه نڦا ڏئي سگهون ۾ مقامي ماڻهن کي گهرجي ته اسپتال ۾ سولر، بجلي ۽ رات جي وقت روشني جي سهولت ڏيارڻ لاءِ ته رجا معززين پنهنجي مدد پاڻ تحت دونيشن ڪري اسپتال ۾ بيترين سولر پليٽون ۽ فرنيچر وٺي ڏين ته جيئن پري کان ايندڙ ڊاڪٽريائين رات جي وقت ۽ ڊيوٽي ڪري ڊليوري ڪيس حل ڪري سگهن ،غير حاضر رهندڙ عملي بابت سوال پڇڻ تي ڊي ايچ او چيو ته ڪنهن به غيرحاضر رهڻ واري اسٽاف سان ڪا رعايت نه ڪئي ويندي ۽ دوائون موجود هجڻ دوران ڪنهن مريض کي عملي اگر دوا نه ڏني ته ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 18

جي ڪارروائي ملائي ،مهمان جي آڃيان ڪئي ۽ موقعي جي مناسبت سان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو،ان موقعي تي اسڪول جي ٻارڙن، پنهنجي تقريرن ۾ استادن کي خراج تحسين پيش ڪيو، تقريب ۾ سپ کان پهريون مڪلي گروپ جي وفد جنهن ۾ مڪلي گروپ جو صدر، ميمڻ ميڊيڪل ڪامپليڪس ڪراچي جو ايڊمنسٽريٽر ڊاڪٽر مدد علي ٻگهيو . مڪلي گروپ جو سينئر نائب صدر، انچارج ٽراما سينٽر ڊائو هاسپيٽل ڪراچي ڊاڪٽر ممتاز علي بلوچ، فنانس سيڪريٽري سائين غلام مصطفيٰ عباسي، سائين امداد هليو، آفيس سيڪريٽري اعجاز ڪٽيان، ڊپٽي سيڪريٽري مير خان بنگلاڻي جن اسڪول اڄي اسٽاف سان ملاقات ڪئي ۽ ٽيچرز ڊي جي موقعي تي اسٽاف جي محنتن جي واکاڻ ڪئي ۽ اسٽاف کي مبارڪون ڏنيون، تقريب ۾ بهار فائونڊيشن ، منهنجي امڙ پبلڪ لائبريري جي اڳواڻ عبدالوهاب سومرو شاگردن ۾ ڪاپيون، پيو اسٽوڊنٽس مٽيريل ۽ گفٽ تقسيم ڪيا. ان کان علاوه تقريب ۾ سياسي سماجي شخصيت شهنيلا خانزادي پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مقررين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته اڄ سڄي دنيان جيان اسان به اسٽاف جو ڏاڍو ملهائي رهيا آهيون ۽ پنهنجي اسٽاف کي مان ڏيڻ لاءِ هن اسڪول ۾ گڏ ٿيا آهيون. ان موقعي تي مهمانن ۽ شاگردن گڏجي اسٽاف جي عزت افزائي ڪئي ۽ ٽاڙيون وڄائي اسٽاف جي آڃيان ڪري خراج تحسين پيش ڪيو اسٽاف ۾ سائين محمد احمد ميمن ، فياض ابڙو محمد حسن بروهي ، سيد منصور علي ۽ نديم منگي موجود هيا. آخر ۾ اسٽاف، مهمانن ۽ اسڪول جي ٻارڙن گڏجي ڪيڪ ڪاٽيو

بقايا سنڌيار 19

جاويد چانڊيو جو هڪ ورهين جو اويس چانڊيو گهر پرسان راند ڪندي واهه اندر ڪري ٻڏي ويو وارڻن نينگر کي واهه مان ڪيئي فوري طور تي بدين انڊس اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران موت جي تصديق ڪرڻ بعد ڪجهه ڪاروائي ڪانپوءِ لاش وارڻن حوالي ڪيو. معصوم نينگر جو لاش وارڻن حوالي، گهر پاتين ۾ تهرام مچي ويو والدين کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا

بقايا سنڌيار 20

دوران پي پي پي آڳواڻ لال خاصخيلي ۽ غلام خاصخيلي جا ٽي پيٽرول پمپ غيرقانوني ظاهر ٿيڻ تي ٽئي پمپ سيل ڪري ڇڏيا جڏهن ته سيرائي لڳ لال خاصخيلي جي پيٽرول پمپ تي پنجاهه هزار روپيا ڏنڊ وصول ڪري جا سومر ڏينهن تائين پيٽرول پمپ جو لائسنس پيش ڪرڻ جي وارننگ ڏيندي چيو آهي ته پمپ جو لائسنس ۽ پيا ڪاغذ پيش ڪري پيٽرول پمپ قانوني ثابت نه ڪيوويو ته اهو پمپ به سيل ڪري قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي

بقايا سنڌيار 21

ڊاڪٽر ڪي ٽي ايس سومرو ۽ ڊاڪٽر ڪي ايم سومرو جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسرن ۽ ڊاڪٽرن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي وئي. اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ڪي ايم سومرو، ڊپٽي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ڪي ايم سومرو، ڊسٽرڪٽ ايپيڊيميالاجسٽ ڊاڪٽر ڪي ايم سومرو، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر